علامه عمر بن محمد دائودپوٽو

# مضمون ۽ مقالا

ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز جي اشاعتي سلسلي جو اڪيهون ڪتاب

# مضمون ۽ مقالا

علامه عمر بن محمد دائود پوٽو

سهيڙيندڙ

خانم خديجه دائود پوٽو

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

حيدرآباد — ڀٽ شاهه

١٣٩٩هه — ١٩٧٨ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چاپو پهريون    تعداد ٻه هزار    نومبر ۱۹۷۸ع

حق واسطا قائم

قيمت [redacted] رپيا

100/=

ملڻ جو هنڌ

شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، ڀٽ شاهه

۽

اعزازي سيڪريٽري، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز،
حيدرآباد سنڌ.

هي ڪتاب پناهه جگر سنڌي مئنيجر سردار پرنٽنگ پريس گاڏي کاتي حيدرآباد ۾ ڇپيو، ۽ عبدالحميد آخوند اعزازي سيڪريٽري ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڪميٽي ڇپائي، حيدرآباد مان شايع ڪيو.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

”شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي گڏجاڻيءَ، مورخه ٥- مئي ١٩٧٧ع ۾ تجويز بحال ڪئي وئي ته حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي سوانح ۽ شاعرانه پس منظر کي نروار ڪرڻ لاءِ اهي سمورا تحقيقي ڪتاب دوباره شايع ڪيا وڃن، جيڪي ڪافي اڳي ڇپيا هئا ليڪن هن وقت ناپيد ٿي چڪا آهن. انهيءَ تجويز جي تڪميل ۾ هن کان اڳ علامه دائود پوٽي جو ١٩٣٧ع ۾ ايڊٽ ڪيل، ۽ (١٩٥٨ع ۾) نظرثاني ڪيل ڪتاب ”ميين شاه ڪريم جو ڪلام“ ٻيهر شايع ڪيو ويو.

هي ڪتاب علامه دائود پوٽي جي انهن مضمونن تي مشتمل آهي، جيڪي اڳ ماهنامي ”نئين زندگي“ ۾ ڇپيل آهن. جيئن ته انهن مضمونن جو وڏو حصو حضرت شاه صاحب جي سوانح ۽ ڪلام، فڪر ۽ فلسفي متعلق آهي، تنهن ڪري اهي پڻ يڪجا ڪري ڪتابي صورت ۾ ڇاپڻ جو فيصلو ڪيو ويو.

هن کان اڳ ڪاميٽيءَ جي اڳين منظور ٿيل ”جامع تحقيقي رٿا“ هيٺ اوڻيهه (١٩) ڪتاب شايع ٿيا آهن، ۽ نئين رٿا هيٺ جيڪي ڪتاب ڇپائڻا آهن، تن ۾ هيءُ ٻيو ڪتاب آهي. اهڙيءَ ريت ڪاميٽيءَ جي اشاعتي سلسلي جو مجموعي طور هيءُ ايڪيهون (٢١) ڪتاب آهي.

آءٌ خانم خديجه دائود پوٽي صاحبه جو ممنون آهيان، جنهن مهرباني ڪري، علامه صاحب جا مضمون ترتيب ڏيئي، ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز کي اشاعت لاءِ ڏنا. ازانسواءِ ممتاز مرزا ۽ شيخ محمد اسماعيل جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن ڪتاب جي ڇپائيءَ ۾ تعاون ڪيو.

١- ڊسمبر ١٩٧٨ع

عبدالحميد آخوند
سيڪريٽري
شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي رسالي ۽ سوانح بابت جامع تحقيقي رٿا هيٺ شايع ٿيل ڪتاب

(منظور ڪيل ثقافتي مرڪز ڪاميٽي، ٣٠- سيپٽمبر ١٩٦٦ع
زيرنگراني: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ)

### (الف) رسالي جو سرن وار تحقيقي مطالعو

١. شاهه جي ڪلام ۾ اسلامي اقدار — ١٩٦٧ع
٢. شاهه جي ڪلام ۾ انساني اخلاق ۽ ڪردار جو معيار — ١٩٦٨ع
٣. شاهه، سنڌي ٻوليءَ جو معمار — ١٩٦٩ع
٤. سر ڪلياڻ جو مطالعو — ١٩٧٠ع
٥. سر جمن جو مطالعو — ١٩٧١ع
٦. سر کنڀات جو مطالعو — ١٩٧٢ع
٧. سر سريراڳ جو مطالعو — ١٩٧٣ع
٨. سر سامونڊي جو مطالعو — ١٩٧٤ع
٩. سر سهڻي جو مطالعو — ١٩٧٥ع
١٠. سر سسئي آبري جو مطالعو — ١٩٧٦ع
١١. سر معذور جو مطالعو — ١٩٧٧ع

### (ب) رسالي ۽ سوانح بابت بنيادي مأخذن ۽ ڪتابن جي اشاعت

١. لطائف لطيفي (فارسي)
تصنيف: مير عبدالحسين خان ”سانگي“ — ١٩٦٧ع

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

٢. شاهه جو رسالو (برٽش ميوزيم وارو نسخو)
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ١٩٦٩ع

٣. احوال شاهه عبداللطيف ڀٽائي
تصنيف: ميرزا قليچ بيگ — ١٩٧٢ع

٤. شاهه جي رسالي جا سرچشما
تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ١٩٧٢ع

٥. شاهه جي رسالي جي ترتيب
تصنيف: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ١٩٧٣ع

٦. شاهه جو رسالو (١٢٦٩هه ۽ ١٢٧٠هه جي
ٽن آڳاٽن قلمي نسخن مطابق)
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ١٩٧٣ع

٧. پنج گنج (تصنيف: قادر بخش "بيدل" رحه)
مرتبه: فقير سبحان بخش سجاده درگاهه بيدل — ١٩٧٦ع

٨. شاهه جو رسالو (سر سسئي سان شروع ٿيندڙ
ڏهن قلمي نسخن سان پيٽي تيار ڪيل)
تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ — ١٩٧٦ع

## ثقافتي مرڪز ڪاميٽيءَ جي ٺهراءَ ٥- مئي ١٩٧٧ع موجب شايع ٿيل ڪتاب

١. شاهه ڪريم بلڙيءَ واري جو ڪلام
مرتبه: علامه دائود پوٽو — ١٩٧٧ع

٢. مضمون ۽ مقالا
تصنيف: علامه دائود پوٽو — ١٩٧٨ع

٣. شاهه جو رسالو (ڇپائي هيٺ)
مرتبه: ڊاڪٽر گربخشاڻي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

مرحوم شمس العلماء ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي جي شخصيت، اسان سنڌواسين لاءِ، وڏي تحقيق ۽ جاکوڙ کان پوءِ، پنهنجي زبان جي علم و ادب ۾ قابل قدر اضافو ڪيو. ليڪن ڊاڪٽر مرحوم جي ادبي خدمتن تي نظر ڦيرائڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته سندن قلمي جنبش ۽ تحقيق جي خاص چنتا هيءَ رهي آهي ته ڪنهن طرح سنڌي زبان جي گذريل زماني جون وٺون ورائي هٿ ڪجن؛ جن ادبي شه پارن تي لٽ چڙهي ويو هو، تن کي صاف ڪري، آڳهي پڌري، پنهنجي اصلوڪي شڪل ۾ آندو وڃي ۽ اهڙي طرح پنهنجي ماضيءَ جي خزاني کي کولي عوام آڏو آڻجي ته جيئن علم و ادب جي ميدان ۾ ڪڙيون ملائي هڪ قسم جو تسلسل قائم ڪجي.

ان مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ، ڊاڪٽر صاحب شروع کان انفرادي توڙي اجتماعي طرح ڪوششون جاري رکيون. اجتماعي ڪوششن ۾ اهڙيون ڪاوشون شامل آهن جن جي نتيجي ۾، سنڌي ادبي صلاحڪار بورڊ (جو بعد ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي شڪل ۾ ظاهر ٿيو)، سنڌ هسٽاريڪل سوسائٽي ۽ سنڌي ادبي سوسائٽي جهڙا عظيم ادارا قائم ٿيا ۽ وڏا ڪم هٿ ۾ کنيا ويا. ليڪن مرحوم علامه دائودپوٽي جن طبيعتاً انفرادي ۽ خاموش ڪم کي ترجيح ڏيندا هئا. انهيءَ ڪري پنهنجي ڪمزور ڪلهن تي، جيڪي ڪم بسم الله ڪري کنيائون، تن نه رڳو ڏيهن جي روشني ڏني بلڪ سنڌي ادب کي چار چنڊ هڻي ڇڏيا. ٻوءِ ان سلسلي ۾، ابيات سنڌي هجن، منهاج العاشقين هجي يا ڪلام گرهوڙي —

هن چار تماچيءَ جي والده جي دکدائڪ حالت کان متاثر ٿيندي، جولان ۾ اچي چيو هو. ان جي تاريخ ١٣٧٥ع آهي؛ ۽ انتها وري مرحوم فتح محمد سيوهاڻي جي ذڪر تي ٿئي ٿي، جنهن جي وفات ١٩٤٢ع ۾ ڊسمبر مهيني ۾ ٿي هئي. ڏنو وڃي ته اهو هڪ وڏو عرصو آهي جنهن ۾ سنڌ جي شهر ۽ ننڍڙن جون پايو وجهندڙ شخصيتون اچي وڃن ٿيون. جيتوڻيڪ سنڌي زبان جي ترقي يافته حيثيت پڌائي ٿي ته اسان جي علم و ادب جو چرچو تمام گهڻو اڳاڻو آهي ۽ اوچتي آيل دورن جي زيادتي ۽ پنهنجن جي غفلت سبب اهو سنڌي ادب اسان کان هميشه لاءِ وڇڙي ويو، هنن عالمن جا خيال ۽ تخليقون اسان جي ادبي خزاني جا سرچشما آهن. انهن انمول ۽ انيڪ ادبي خوبين ۽ خصوصيتن کي ايتري اختصار واري ادب ۾ سمائڻ، سنڀالڻ ۽ پيش ڪرڻ، ڊاڪٽر مرحوم دائودپوٽي جي قلمي قوت جي مرهون محنت آهي.

١- نومبر ١٩٦٨ — خانم دائودپوٽو

# ترتيب

## (الف) سنڌي ادب ۽ شاعري (١–٩٤)


– سنڌي علم ادب ٣
– قديم سنڌي شاعري: شاهه ڀٽائيءَ کان اڳ ١١
– شاهه کان اڳ جا شاعر ٢٣
– قاضي قاضن سيوهاڻي ٣٠
– شاهه ڪريم: شريعت ۽ طريقت جو روشن تارو ٣٦
– شيخ عبدالرحيم گرهوڙي ٥٣
– ميين عيسيٰ جي تربت جي تلاش ٦٠
– بيڪس: سنڌ جو مشهور شاعر ٦٨
– شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ ٧٥
– حڪيم فتح محمد تغمدالله برحمته ٨٠
– قديم سنڌي نثر ٩٢


## (ب) شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه (٩٥–٢٤٠)


– شيخ عبداللطيف جو احوال ٩٧
– شاهه ڀٽائي ۽ مخدوم محمدي کهڙائي ١١٠
– شاهه لطيف جي تصوير ١١٣
– شاهه جي عظمت جا اسباب ١١٩
– شاهه جو صوفيانو شعر ١٢٥
– شاهه لطيف رحه ۽ رومي ١٣٠
– جبر ۽ اختيار يا تقدير ۽ تدبير جو مسئلو ١٣٧
– ڀٽائي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو ١٣٥


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

– شاه جي نظر ۾ انسان جو تصور ١٦٣
– شاه جو سر سارنگ ١٦٧
– شاعر ۽ سگهڙ ١٧٠
– ڀٽ تي پيرو: گنج جو مطالعو ١٧٨
– رسالي جا قديم قلمي نسخا ١٩٠
– شاه جي رسالي جا ٻي آڳاٽا قلمي نسخا ١٩٧
– شاه جي رسالي ۾ تحريفون ٢٠١
– شاه جا ڳم ٿيل بيت ٢٠٨
– شاه عبداللطيف ڀٽائي ”سنڌ جي امانت“ ٢١٧
– تمر فقير جو احوال ۽ ڪلام ٢٢٨


## (ج) بزرگ هستيون (٢٤٢—٢٦١)


– ابوذر غفاري رضہ ٢٤٣
– شيخ عيسيٰ مسيح الاولياء سنڌي برهانپوري ٢٤٩
– شاه شهيد عنايت الله صوفي ٢٥٥


## (د) شخصي تاثرات (٢٦٣—٢٨٣)


– سنڌ جي ادبي تاريخ ٢٦٥
– ادبي ذوق ٢٦٧
– باران رحمت ٢٧٤
– نعت ٢٧٨
– مجازي ۽ معنوي ٢٧٩
– سنڌي ادبي سوسائٽي جا مقصد ۽ پروگرام ٢٨٠


## (هہ) ضميمو: ترجما (٢٨٥—٣٢٠)


– اسلامي تصوف ٢٨٧
– عربي شاعريءَ جو فارسي شاعريءَ تي اثر ٣٠٢


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ادب ۽ شاعري


سنڌي علم ادب

شاهه کان اڳ جا شاعر

سنڌي قديم شاعري: شاهه ڀٽائي کان اڳ

قاضي قاضن سيوهاڻي

شاهه ڪريم - شريعت ۽ طريقت جو روشن تارو

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي

ميين عيسيٰ جي تربت جي تلاش

بيڪس - سنڌ جو مشهور شاعر

شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ

حڪيم فتح محمد

قديم سنڌي نثر


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نالو ورتو آهي، جنهن واتان حديقةالاولياءَ جي مصنف، اسحاق آهنگر جو هڪ بيت پڌو. هن درويش ۹۰۳ هجري (۱۴۹۷ع) ۾ وفات ڪئي ۽ گنجي ٽڪر جي دامن ۾ پوريل آهي. اهڙي طرح راڌڻ شهر ۾ راڃو درويش هڪ خدا رسيدو مست ٿي گذريو آهي، جو استغراق جي حالت ۾ مٺي آواز سان سنڌي بيت پڙهندو هو، ۽ جيڪي چوندو هو، اُئين ٿي پوندو هو. سندس وفات جو سنه ۹۷۷ هجري (۱۵۶۹ع) آهي. افسوس جو اهي بيت ڪٿي به قلمبند نه آهن.

پر راڃي فقير کان گهڻو اڳي قاضي قاضن جو اسم گرامي اچي ٿو. سندس وسيع ڪلام مان فقط ست بيت "بيان العارفين" ۾ موجود آهن. اهي سنڌي ادب جي آسمان ۾ ثريا جي ستن تارن وانگر چمڪندڙ آهن. انهن مان اسان کي پنهنجي سلف صالح جي ذهني ۽ روحاني ڪيفيت معلوم ٿئي ٿي. اهي سراپا سونهن جو سر آهن، منجهائن عقل جزويءَ جي عاجزي، ظاهري علم جي سڪڻائي سچائي، محبوب حقيقيءَ ۾ محويت ۽ وحدت الوجود جا ڳوڙها مسئلا روشن ٿين ٿا. انهن مان پڌرو ٿئي ٿو ته اسان جي بزرگن جو دلي رجحان هميشه تصوف ۽ روحانيت ڏي رهيو آهي، انهن پنهنجي وجداني ڪلام کي مجازي عشق ۽ دنيوي امورن سان ملوث نه ڪيو آهي. حقيقت به اُئين آهي ته اسان جي بزرگن ۽ شاعرن جو فطري لاڙو، روحاني ڳالهين ۽ اندر جي پاڪائيءَ ڏي آهي. انهن پنهنجي عرفاني سخن کي ڪڏهن به بادشاهن، اميرن ۽ تونگرن جي ساراه سان نه پريو. فقط الله جي ساراهه، بزرگان دين جي مهما، ۽ نصيحت پردازي تي سارو ڌيان صرف ڪيو اٿن.

قاضي قاضن (قادن) اصل درٻيلي (ڏيري) جو ويٺل هو، ۽ مخدوم ميران مهدي جونپوري جي صحبت ۾ رچي ريٽو ٿيو، جنهن ڪري زماني جا ظاهري عالم مٿس لعن طعن ڪندا هئا. جن مان هڪڙو "بيان العارفين" ۾ ڏنو اٿس ته ڪيئن نه ڌڪڙي

سنڌس نڪو آنڌ آهي نڪو پانڌ، ان لاءِ جدا هڪ ڪتاب گهرجي ۽ مطالعي مان گڏ فڪر ۽ تدبر، رياضت ۽ باطني صفائي جي ضرورت آهي. مطلب ته ان جي سيني ڪلامي ۽ عرفاني خوبين جي اپٽار جو دم هڻڻ ۽ دعوى ڪرڻ محض جسارت آهي. ڪانئس پوءِ سچل ۽ سوامي جو ٿورو ذڪر ڪرڻ واجب آهي. سچل جو ڪلام پڻ بيتن ۽ ڪافين تي مبني آهي، اگرچه ڪين گهٽايو انس، پر شاه جي ڪلام کان ڪئين ڪوهه پوئتي آهي. سندس بيتن ۾ اهو چٽس ناهي ۽ نڪي ڪي وري سندس ڪافين ۾ اها شيريني ۽ سلاست. پنهنجي ڪلام ۾ تصوف گهڻو ئي ميڙيو انس ۽ اناالحق جي نعري کان به ڪين گسو آهي، پر انئين چئجي جيئن ڇچڙي ۽ هڏن جي ڪڙ ڪڙ. ماڳهين شريعت جي ليڪي کان لنگهي وڃي تار ۾ پيو آهي. ڪافين ۾ سو مستي ۽ موج واه جي انس. گويا ڏنڊو يا چمٽو ڪٺي رقص پيو ڪري. پر شاه جي واين واري منجهن لذت ڪانهي. سوامي وري ويدانت جي وات ورتي آهي. سندس ٻولي هندڪي آهي ۽ سنسڪرت جي غير مانوس لفظن سان ڀريل آهي. ڪو ڪو شلوڪ ليندو، جنهن مان دل کي ورونه ايندي، يا قلب تي رقت طاري ٿيندي، نه ته سراپا خشڪ ۽ بي سوادي آهي.

هتي قدما جو دور ختم ٿئي ٿو. اميد ته ٻئي بحث جي دوران ۾، وچين دؤر جي بزرگن جو ومتار ڪندا سين، الله واهي!

جي سٽن ۾ واڌارو آندو. مثال طور هڪ نموني جو بيت ڏجي ٿو:

### ٽيون سٽو

”لا“ سين لهي ٿيون، پار ”اِلهٰ“ جي آئيا
ڪين ڪنياٿون پاڻ سين، سچو پيهي پٿون
وڃي آن ڪيو، منجهه سر سراءِ سبحان جي.

### چوٿون سٽو

اولياءَ تن عالم ۾، جيئن ستون منجهه گهرن
تنهان ڪڙڪي هيڪڙي لڏي سڀ وڃن
هوءِ جوڪو جيءَ آنين، هيجي ساڪن سندا تن
منجهي سڀ وڃن، متيون ماڳ ڏٺين ڪي.

### پنج سٽو

سيئي سالڪ هلئا، واٽون ويهي وهن
ڪوڏان پسون قطارئا، پانڌي لءِ پرين
آوءِ هيجان هلئا حق ڏونهه، پيون ڏيو پڻ
اوري ڪن نه آسرو، تاڻئو ٽوڙ وڃن
وادي تنهن رهن، جت ري پرينءَ ڪين پسجي.

### ڇهه سٽو

جنهن پنڌ نهايت نا ڪا، نڪو انت نه ڇيهه
سو ڪوڙين ڏسي ڪنهان، ڏوران ڏاڍو ڏيه
ان هلڻ حيرت ۾ ٿيو، ڇيتا ٿو چليه
اوري ڪر مَ آسرو، وادي وڃ مَ ويه
ثابت ٿي سبحان سين، منجهه حقيقت پيه
ته سو پسين ڏيه، جنهن ڪي سڪي سيڪو.

### ست سٽو

تان ڪو ڏهو پهيڙا، سنيهڙو سندونءِ
ڪينءَ پانڌيڙا پنڌ ۾، ڪنهن پر آڇاڻونءِ
ڪنهن پر هلن حق ڏونهه، ڪنهن پر وصالونءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ مستقبل قريب ۾ ”ادبي ذوق“ (١) تي مقالو لکي موجود شاعري تي مبسوط تبصرو ڪيو ويندو.

والله ولي التوفيق و اليہ حسن الماب.

(١) اهو مقالو جيڪب آباد واري جمعيت الشعراء جي جلسي ۾ پڙهيو هو، (۽ شايد) نئين زندگي ۾ شايع ٿيل آهي - ”ع“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاش، لطف الله قادريءَ بابت وڌيڪ خبر پوي. نموني طور هي ٻه ٽي بيت اوهان جي نزهت خاطر ڏجن ٿا:

(١)

”لا“ سين اٿهُ ٿئون، پار ”الٰه“ جي آئيا
ڪين ڪنيائون پاڻ سين سچو ٻيهُ پٿون،
وڃي تن ڪيو، منجهه سير سراءِ سبحان جي.

(٢)

”الٰه“ اورياڻين ڇڏي ويا ڪيپ ڪري
او ٽيا سيڪڙو سبحان جا، پيٺين ورڪٽ پري
”صم بكم عمي فهم لا يعلقون“،
آوءِ پٺا پروڙان پري
ورٿا ٽيت وري، جتي قال نه قيل ڪين.

(٣)

سيئي سالڪ هلئا، وائون ويهون وهن
ڪوڏان پسو قطاريا، پانڌي لئي پرين
اوءِ هيجان هلئا حق ڏونه، پيون ڏيئي ٻن
واديءَ تنهن رهن، جت ري پرينءَ ڪين پسجي.

(٤)

جنهه پنڌ نهايت ناهڪا، نڪو آت نه ڇيهه
سو ڪوڙين ڏسي ڪنبئا، ڏوران ڏاڍو ڏيهه
آت هلڻ حيرت ۾ ٿئو، چيتا ٿو چتليهه
اوري ڪر مَ آسرو، واديءَ وڃ مَ ويهه
ثابت ٿي سبحان سين، منجهه حقيقت پيهه
ته سو پسين ڏيهه، جنهه ڪي سڪي سيڪو.

(٥)

تان ڪر ڏهو پتهيڙال، ستنيهڙو ستندون
ڪيئن پانڌيڙا پنڌ ۾، ڪنهه پر آهچاڏون
ڪنهه پر هلن حق ڏونه، ڪنهه پر وصالون
ڪين فاني ٿيا في الله ۾، ڪنهه پر مشاهدون

"مينديتا هُمَ فِي وُجُوهِهِم" سندن اهڃاڻ اِهيئي
هُنيءَ نہ ڪا پيئي، سهڙيون سڀ وڏاڻ ۾.

(۴)

پيلي ۾ پهون پتريون، سهسين گاھ سڄڻ،
ميهون مڇ ميهار جون، چيتاريون چرڻ
جتان آئڙي آن ڪيو، تتان وات وڃهن
پتُرَ پوچ پيئنُ، نندين ڪان نرمل جو.

## مسئي

(١)

ويه وساري ڪيتم ڪين، ڇُڪيائي تون ڇلَ
جهڙي تهڙي حال سين، هونئن هُنيءَ هتَ
توڻي ويل ڪويل ٿئي تہ پڻ پئي ره م پلَ
لالن بنان لئلَ، پوري ناہ پيهور ۾.

(٢)

ويه وسامي ڪين ڪين، چوري چپر چلَ
جتَ ڪارڻ جهان ۾، رندن ۾ تون رلُ
تہ آري چام آملَ، پيئي ور وير ڪئين.

(٣)

تون ستينءَ سک ٿي مسئي، سا ٿي ڪرينءَ سڌ
اپئس اٿي، عيسو چوي، وڃي ٿي تن سين گڏ
مچ منجهہ پوءَ ڏ، رڻ ۾ ٿي ريهون ڪرين.

(۴)

وات ارڙي ورَ گهڻا، ۽ پنڌ اڏائو
سونهون شامل جن سين، تن سنهنجو سڏائو
اڪيين ڏسن نہ، عيسو چوي، رڏَ ۾ رڃَ راڏو
ماڻا محب ميڙائو، تن ويندي وات ٿئي.

## ليلا چنيسر

(١)

هاريا هٿ حرام ڪان، بڇي ٿـي بيزار
جان پانئين پرينءَ مڙان، پڌسان سائين جو سنسار
پڌن وجهي مٺي ڪـي، قريب ڪر تون يار
سو ڳهوريو ٿي هار، جنهن تان چنيسر چت ڪٺي.

(٢)

هي هـار هيڪڙو، پر جـي هجن هـزار
وجهين ڪرين ويس وڏا، سهسين سپ سينگار
تہ چنيسر جي چت ڏار، ڪـر ڪوڙا مٺيا مـڙئي.

(٣)

جي مٺيا مڙئـي نہ وجهين، نڪو هاري هار
پر چنيسر جي چت جي، تو ڏانهہ تاڻ هوءِ تڪرار
تہ سـٽيوئي سينگار، تو مڙيو ئـي ميسـر ٿيو.

(٤)

چنيسر جـي چـت ۾، تو ڏانهہ ڪٺي تـاڻ
پر چيڪا آڏي آڻ، سو هاري توکي هار ٿيو.

## مارئي

(١)

پـٽهر نہ پنهوارن جـي، وائـي نہ ڪائـي
مـاري مـانيٺڙن ڪـي، ويـنـس واجـهائـي
ڪا جا ڪيم ڪمائي، جئن هوءِ ملير، آءٌ ماڙئين.

(٢)

ماڙين ۾ رڳيءَ مـارئين، رهي نہ سگهندياس
توڙي هزار حيلا ڪرين، تہ پڻ آءٌ ويندياس
وڃي پنهوارن پاس، شال گولي ٿي گذاريان.

(٣)

تہ ڪا رهاڻ ڏيتڙي، جي تون ٻڌين منجھہ ٻنڌ
ماريس ماروئڙن جـــي، عيسو چـــوي آڪنڊ
ڪوءِ حويليون هي هنڌ، وڏ پڪا پٿهوارن جا.

## راتِ سُهائي

(١)

رات سـهائي، پون سڻين، ٻڌس پڏرو پٽ
هلُ تہ رسين هوت کي، پسين جانب جتُ
ڪيهڙو رسيوءِ ڪتُ، جڏهن تون وهين ويسري.

(٢)

رات سهائي پون سڻين، ويسر وهڻ عتبتُ
وانءُ وهلو وات تنهين، جنهن ڏنائون ڏسُ
وَاِنّ هٰذا صِراطي مُستقيماً، پڻي گستان ڪنهن م گسُ
اي عيسي، چڏ آرسُ، تہ هونديءَ رات هـتـ رسين.

اهڙيءَ طرح ڪل ڇهہ بيت ڇپيا آهن، شاه صاحب رڳو ٣ بيت
ڇپيا آهن، جن جو مطلب مجازي آهي. جيئن:

(١)

رات سهائي، پون سڻين، ٻڌن وڏو ٻنڌ
هلندي حبيب ڏي، ڪرها موڙ م ڪنڌ
ٻنڌڻ موئي ٻنڌ، جو پهچائي پرين کي.

(٢)

رات سُهائي، پون سڻين، پائي گهرجي پل
مون تومان گهڙي، پئي ڪاهڻ م مٺل
ها هتڙا ڪندو هل، تہ ڪجايون ڪرن کي.

(٣)

رات سُهائي پون سڻين، پرت لڏين، پنڌ پور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سيا محبوبن جي، هلي وانءِ حضور
جي چڱڪن چت ۾، سي ڪينءَ سڄڻ دور
الله لڳ آسون، آتائين ڏي آءُ تون.

(٣)

رات سُهائي، پون سنئين، پرت نئين، پنڌ ڀَسُ
سيا محبوبن ڏي، وڃڻ ڪجي وَسُ
راتين ۾ رسُ، ته خبر ڪرن ڪي نه پئي.

ميون عيسو، حقيقت ۾ حلّ آهي ۽ مجازي ڏي منهن ڪونهي
ڏسو ته متي ڏنل بيتن مان ڪهڙو مطلب ٿو ڪڍي.

جو ٻيرهن ڦٽي تو پنڌ ڪيو، پانهنجي پنڌو
ڪو ڪنهن جي ڪم ڪي، ويجهو نه ويندو
”يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ أَخِيهِ“ سڀڪو پيو ڏسي پڇندو
مگر ڪرم مهر ڪندو، آتهه شفيع سڀ جهان جو.

روحاني طبيب

(١)

تون ڪينءَ جڏي جاليين، طبيبن پاڙي
ڪي ويجهي تون نه وڃين، چڏين تون لاڙي
جا اوڳي ان آڙي، سا ڪيري تون ڪره نه ڪرين.

(٢)

ڪيري ري ڪين لهي، اوڳي ايءُ آزار
جيئن چُوني تئن ڪرڙ، تُسي سين تڪرار
ته نيسُهرو نروارُ، ڏڪندو تو ڏور ٿئي.

(٣)

ڪيري ڪتن نه پاڻهه وڃن سين وائيءَ ٻيا
آڳها هين آهچاڻ، پتسو سور سمجهائيا.

(هي بيت هوبهو شاه جي رسالي ۾ اچي ويو آهي.)

(٤)

سڱها سيگها سي ٿئا، جي ويئا وت وڃن

ٻر ڪري ڪيائون ڪوڏ منجهان، جيئن ڪم جيائين
”وَنَهَي النَّفْسَ عَنِ الْهَوىٰ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاوىٰ“
سالڪ اي سمجهن

پيا ڪوهه پڄن، ان سنهي شريف مان.
۽ شاهه صاحب فرمايو آهي:
آڳها ٿي متڳها ٿيا، جي ويا وٽ وڃن
ترسي طبيبن، چڱي هوند چڱا ڪيا.

## چڱن جي صحبت

اڪ ٻڙي ايڪ ميڻ، جي ويئي تنين وٽ.
جنيئا جي جوکو ٿئي، ٻئي ۾ پوئي گهٽ.
سا مجلس ٿي مٽ، توڙي ڪوڙين ڪٽين ڏني.
شاهه صاحب فرمايو آهي:
ويئي جنين وٽ، ڏکندو ڏاڍو ٿئي
سا مجلس ٿي مٽ، جي حاصل هوءِ هزار جو.
ميان عيسو اڳيرو وڏي چوي ٿو:
هارئا تنهنجي حق ۾، آوءِ ڪوڙ آهي لوڙ.
جا ڪيل نه ڪيل جهڙي، تنهان منهن اڳاهئم موڙ.
ترس نه رمين توڙ، پڄ نه پيئي تو ٿئي.

## ڪونجون ۽ هنج

(١)

مڪ ساٻڙي جن جي، سي اڄ اڪثر آسهيون
ڪنجون قطارون ڪري، واقهيم روه رميون
ان ٻر آڏاٽيون، جيئن ڪتل نه هيئي پڪڻين.

(٢)

ڪا جا رمز روه جي، ڪنجن ڪتل هيئي
جيئن راتوڏ رمي چريون، اڪثر ميئڻي
هنجن هنجون هاريون، تنين لءِ روئي
سڄ آهليون آهوئي، ٻر پکي منهس نه اڳيان.

(٣)

مَٽرُ آھوئي اڳيون، ٻَر ٻڪي نہ ٻَڇَڙا
جن ڇيتاريو ڇلڙُ ڪان، پنھنجا وَڪيا ٻڪڙا
ھاڻي سيڻي مٽرُ ۾، اڪثر رھنا اھڙا
جي آھِيَ جا ڇُمڙا، ڪٽيو ڪين خوشيءَ سين.

## رسول الله صلعم جي سڪ

(١)

ٻڪا ٻڪن ساموھان، رھن رفيقن سان
عجيب نعمت آھ وڏي، جي ھوءِ ٻَنھُ ٻَڪريان
ھوند آڻجي ھٿِ سا، ٻَڪرِ ۾ وڪڻي پاڻ
ھر ڏيھ، ڏجي سڀ ڏاڻ، تہ رءِ حُبُ ھڏھم نہ جڙي.

(٢)

جي ڪنھ وھِي وات ٿان، سچُ عجيب اچن
سا جي وات سوريان، لکَ ھزارين پئن
تہ لائق پرينءَ پيرن، آچا آھائي نہ ٿئي.

(٣)

جيڪي ٿي جھان ۾، سَراھيون سچڻ
سي سڀ آڻي اوتيان، وَرَنھ جي وائڻ
ڪنھين وير ڪرم سين، آچي اتان نڪرن
تہ جا سَراھي سنڌين، سا ھِن مڙني مات ڪري.

(٤)

پسان جي ٻَر ڪنھين، ھيڪر حبيبن
تہ مور نہ ڇران چانٺ ڪان، ڇھڻي پوان ڇرڻن
مٿي در دوسن، شال پچن پساه سنڌمي.

(٥)

جيئن ڪوري ۾ ٻَتوَٽ ٻجي، صحي صاف ٿين
تيئن پسَڻ سين پرين جي، سنھيون ميڃن
آچائي اگرن، پاڪي پرينڌھين ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٦)

جي ڳڌجان سڄڻين، مرتيون ڪنهن ساعت
تہ ماڳهين مٺيءَ هوند جيان، رسي مون راحت
اِن فيض جي فرحت، آڌامان آئين متڻي.

(٧)

سين سراهي ستب متڪيان، پکي پٽر ستداءِ
حڪايت هنجن جي، ڪا ڪنجن ڪٽل سڻاءِ
ڪِ سکي سيپئي سٽر ۾، آهين جاءِ بجاءِ
ڪا اِءَ تو خٻٽر آهه، مان سڳهي ڳڌجان سڄڻين.

(٨)

ڳڌجڻ سندي سڄڻين، جي تون ڏين خٻٽر
تہ جٽڙيان جواهرن سين، پکي تنهنجا پٽر
سي هيٺر هوندم هنڌ ڪنهين، جن جي آڪير اندر
تنهن وسان ستر سيپٽر، جنهن ۾ هنج ڪنجون هيڪاڏيون.

(٩)

هيڪر هن اکين سين، جيڏيون جي ڏسان
تہ ڳٽري لائي ڪيٽني، وچڙي پٽهس پوان
پتلُ سينءَ پتلُ پٽر ڪنهين، چنان تان نہ چڏيان
سدائين سيڻان، هوند ڳجهہ ڳرهيان ڳالهڙيون.

هاڻ حيرت جو مقام بيان ٿو ڪري:

حبّ هيئتڙي جتنّ جو، سن اندر محبّت
جي تنين جي ستري، ساعت ڪنهن صحبت
تہ هڏ نہ آڇهي ڳالهہ ڪا، ستدي تن خدمت
ايءَ وڏي عبرت، جئن محبن ڏٺي ماٿ ٿي.

(١١)

اين پايان تہ هينءَ ڪريان، ساٿن ڳالهڙيون
جهہ سي ڏٺا سپرين، تہ سيپئي وستريون
ليکين وچن وستري، جئن ڪٽر هين ۾ نہ هيون

جـڪسُ آجيون اڪڙيون، ڏيون جهلين زور زبان ڪي.

(١٢)

ڪـو جـــو پـنـھ پيرائيـو، اديـون اڪـڙين
جيئن جيئن پـسـن پرينءَ کي، تئين ڏايـون نہ ڏاڍيَن
ڪـونـہ ڏنائـون ڪـڏھين، ساعـت سپيريـن
ڪو دم سچو نہ سھن، پاسي پـسـڻان پانھنجي.

انھن سيني بيتن جو جھلڪو شاھ صاحب جي ڪلام ۾ ظاهر آهي.

هڪ عرب عاشق شاعر وات ويندي، ڳيريءَ کي پنھنجي سنگتيءَ لاءِ روئندو ڏسي، پنھنجي وڇڙيل محبوب سُعديَ کي ياد ڪري ٿو. يادگيري تہ اصل دل ۾ هيس پر ڳيريءَ جي مشاهدي اندر ۾ آڪير جاڳايس، تنھن تي چوي ٿو:

فـلـو قـبـل مـبـكـا بـكـيـتُ صـبـابـةً
لـسـعـدي شـفـيـت الـنـفـس قـبـل الـتـنـدم
ولـكـن بـكـتُ قـبـلـي فـهـيـج لـي الـبـكـا
بـكـاهـا فـقـلـتُ الـفـضـلُ لـلـمـتـقـدم

تنھن وانگي شاھ وانگر اکين اڳ ۾ رُنو، پوءِ اگرچہ سندس ڳيريو ۽ روج راڙو اکين کان اڳرو آهي، تڏهن بہ اڳرائي اکين جي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قاضي قاضن سيوھاڻي*

قاضي قاضن ابن قاضي ابوسعيد، ابن قاضي زين‌الدين، ابن قاضي قاضن، ھڪ مشھور معروف شخص ٿي گذريو آھي. سنڌس حياتي جو مختصر احوال تاريخ معصومي ۾ ڏنل آھي. تحفةالڪرام واري پڻ لفظ بلفظ ان تان نقل ڪيو آھي ۽ ڪنھن به قسم جو منجھس اضافو نه ڪيو آھي. ھي صاحب گھڻن قسمن جي علمي فضيلتن سان سينگاريل ھو. قرآن مجيد جو حافظ ھو ۽ قراءت ۽ تجويد به چڱي طرح ڄاڻندو ھو. حديث، تفسير، اصول فقه، تصوف ۽ علم‌آلات (ڪتابن ڏاھڻ جو ھنر) ۾ چڱو عبور ھوس. انشاء (لکپڙھ جي علم) ۾ سنڌس جوڙجڪس ڪونه ھوس. علم رياضي ۽ حساب‌داني کان پڻ پليءَ پت واقف ھو. ٿوھه جواني ۾ سيد محمد جونپوري، جو ميران مھدي جي نالي پڌرو آھي، تنھن جي مريدن جي لڙھ ۾ شامل ٿيو. جنھن ڪري شريعت جا عالم کيس ٽوڪيندا ھئا. انھيءَ مان ڏسجي ٿو ته قاضي قاضن جو تصوف ڏي خيال مريديءَ کان پوءِ ٿيو. سلوڪ جي واديءَ ۾ گھڻيون رياضتون ڪيائين ۽ سير سفر به ڏاڍا ڪيائين.

تاريخ ١١ محرم سنه ٩٢٧ ھه (٢٣- ڊسمبر ١٥٢٠ع) جو جڏھن شاه بيگ ارغون ٺٽي جي ويجھو درياه لنگھي، ڄام فيروز جي لشڪر کي شڪست ڏني، جو دريا خان جي سرڪردگي ھيٺ ھو، تڏھن شاه بيگ لاڳيتو ٢٠ تاريخ تائين، ٺٽي ۾ عام قتل جو حڪم ڏنو. ڪيترن ماڻھن جو اھل و عيال پڪڙيو ويو ۽ ڄام فيروز جا ٻار ٻچا شھر اندر رھجي ويا. جڏھن شاه بيگ کي خبر پيئي، تڏھن ڪن چڱن مڙسن کي ڏياري موڪليائين ته

* ماھنامي ”نئين زندگي“، سيپٽمبر ١٩٥٠ع تان ورتل.

ڳچيءَ ۾ سونهن. جيڪڏهن وڌيڪ ڪلام موجود هجي ها تہ هن بزرگ هستيءَ جو سيني طرفن کان اڀياس ڪجي ها. اهو بہ جس آهي شاہ ڪريم کي، جو پنهنجي مقولن مان ڳڻ قاضي قاضن جي قولن کي برقرار رکيو اٿس، نہ تہ اهي سڀ موتي بہ ڪم ٿي وڃن ها.

---

جي زماني ۾ آخوند مون کي ٻين ڪتابن سان گڏ ڪائين ڪرڻ لاءِ موڪليندو هو. مون کي ٽوڙي ٻين کي حرف ڏيئي ڇڏيندو هو ته وات تي ياد ڪندا وڃو. جڏهن جهنگ ۾ ويندا هئاسون، تڏهن ٻيا سڀيئي سبق ياد ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هئا، مگر مان رڳو الله جو نالو پيو اوريندو هوس. موٽڻ مهل ٻيا ڪتابي پنهنجا سبق سڻائي هليا ويندا هئا، پر مون کي اڪر به ياد ڪونه هوندو هو. مون کي پڙهائڻ لاءِ گهڻائي مٿا مونا هنياڻون، پر ڪجهه نه وريو.“

انهيءَ مان پڌرو آهي ته شاهه ڪريم جي دل ننڍي هوندي کان وڏي مولا ڏي مائل هوندي هئي. مڪتب کان نڪتي وڃي سماع جي حلقن ۾ داخل ٿيندو هو. جنهن تان پنهنجي وڏي ياءُ هٿان مار به کاڌي هئائين. بعضي وري وعظ ۽ نصيحت جي حلقن ۾ وڃي حاضر ٿيندو هو. هڪ دفعي مخدوم ضياءَالدين صاحب رحمت الله عليه، جو ان زماني جو عارف ۽ عالم هو، وعظ پئي ڪيو. شاهه ڪريم اڃا صغير هو، تنهن به ڪنڊ ۾ ويهي ڪن لائي وعظ ويٺي ٻڌو. جڏهن وعظ ختم ٿيڻ بعد شاهه ڪريم آئي گهر ڏي هلڻ لڳو، تڏهن مخدوم صاحب جي سندس پٺ تي نظر پئجي ويئي. ڏسڻ شرط فرمايائين: سبحان الله، هي نينگر هاڻي ئي مهتر خضر عليه السلام سان هم صحبت آهي، جيڪڏهن جواني ۾ ڪيس ڏسان ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي! اهڙا اهڃاڻ ڏسي سيد جلال ننڍڙي ڪريم کي ڪجهه به نه چوندو هو؛ ويتر جو ماڻس خبر ڏنيس ته شاهه ڪريم جي ولادت جي پاڻ سڳورن بشارت ڏني هئي؛ ۽ ننڍڙيئي هوندي پاڻ پاڪن پنهنجن مبارڪ لبن جي پڪ سندس وات ۾ وڌي هئي، ۽ مٿس اهو نالو ڌريو هئائين، سو سمجهائين ته سندس پاءُ وڏي هوندي ڪرامت جو صاحب ۽ وڏي مرتبي وارو ٿيندو. انهي ڪري هميشه سنديس راءِ رضا تي هلندو هو. ۽ جيسين جيئرو هو، تيسين مٿس عيال جو بار نه رکيائين. شاهه ڪريم سارو فراغت جو وقت درويشن جي صحبت ۾ گذاريندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻهرين پاڻ وڃاءِ، پاڻ وڃائي هوءِ لهه
تهان ڏار نه سپرين، منجهه منجهئين پاءِ.

---

جي لياڪا لوڪ ڏون، جان سي نه لتاءِ
تان ڏيي نه ماءِ، پورو پسڻ پري سين.

---

(۵) هه گڏرا هٿ نه ايندا!
پنهوران پڻ ڏوڪ، ڪنين نه ڏيا پاڻ سين
سڪڻ سپيرين ڪي، لاڳاپو سين لوڪ.

---

قرب ۾ ڪبرياءَ، ماءَ ملاقي نه ڏيي
صوفيءَ جي صلح ۾، پورو اي پرياءَ.

---

(٦) ظاهري علم وڏو حجاب آهي:
ڪنز، قدوري، ڪافيه، جي پڙهي پروڙين سڀ
ته ڪر منڊي ماڪوڙي ڪوه ۾، پيئي ڪڇي اُپ.

---

(۷) ساڌه تلاش جي ضرورت آهي، نه ته محبوب ملي نه سگهندو:
منڊ مٿ منڊ ويڌ، آيي اوسڙ اس ۾
تو سيئي سيڻ ڪيا، ڏور جنين جو ڏيهه.

---

تان ڪي ڳوري چڱ، جان لاڙائو سج ڏيو
ماڙهي ڏاري هل، وڃي هوتن جو ڏيو.

---

(۸) معرفت جو ماڳ ملڻ اڻانگهو آهي، ان جي پروڙ به اڻ
پروڙ جي برابر آهي:
آهي اهڃائو، پير پريان جو جيڏيون
جنين ساڃائو، تنين تان نه پروڙيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٩) خدا جي ذڪر ڪان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ ٻڌڻ!
ٻريان سندي ڳالـڙي، جيڪو ٻئي ڪـــري
مت منهنجي ڪن ڪري، تي ڪي جاب نہ ڏي.

—

سا ڪنُو سا ئي ڪن، سپيريان جـــي ڳالڙي
هيڪڙيائي سڪئان، ٻـــي نـــہ آڇهي تـــن.

(١٠) خلوت در انجمن:

هنيون ڏجي حبيب کي، لڳ ڳڌجن لوڪ
ڪڏيون ۽ ڪروتون، اي ٻـــڻ سگهر ٺوڪ.

مطلب تہ شاه ڪريم هڪ وڏو روحاني بزرگ ۽ طريقت جو صاحب هو. اگرچہ گهڻو پڙهيل ڪين هو. تڏهن بہ سندس باطن ڪليل هو. وقت جا وڏا سياڻا ۽ عالم جڏهن شاه ڪريم جي مجلس ۾ شامل ٿيندا هئا، تڏهن هو سندس توحيد جا باريڪ نڪتا ۽ معنائون ٻڌي حيرت ۽ فڪر ۾ پئجي ويندا هئا. (رحمت الله)

—

# شيخ عبدالرحيم گرهوڙي *

شيخ عبدالرحيم گرهوڙي، خواجه محمد زمان صاحب لنواريءَ واري جو وڏو خليفو ۽ زماني جي وڏن جيّد عالمن مان ٿي گذريو آهي. آباءَ ۽ اجداد مگريه قوم جا، اصل راجپوتانا جا ويٺل هئا، جي زماني جي گردش ڪري لڏي اچي راڻيپور ۾ ويٺا. سندس والد بزرگوار جو نالو سعيدالله هو. سندس اوائلي زندگيءَ جي وڌيڪ خبر ڪانه ٿي پوي، رڳو هي معلوم آهي ته ننڍي هوندي کان وٺي ڪيس ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شوق هو ۽ رفتي رفتي ايتريقدر علمي تجربو حاصل ڪيو هئائين، جو انهي وقت ساريءَ سنڌ ۾، ٺٽي کان وٺندي ملتان تائين جهڙس ڪو عالم ڪونه هو. مباحثي ۽ مناظري ۾ ايڏو دسترس هوس جو ڪوبه مٿس غالب پئجي نه سگهندو هو. فقه جي ڪتابن ۾ ايترو اعتبار نه هوس، ۽ هميشه پنهنجي اجتهاد تي هلندو هو.

اوائل ۾ خواجه محمّد زمان صاحب سان گهٽي ارادت ڪانه هوندي هيس. بلڪ سندس مريدن تان چٿرون ڪندو هو. هڪ دفعي وات ويندي ڪو درويش گڏيس جو خواجہ صاحب جن جي زيارت لاءِ لنواريءَ ڏي پئي ويو. تنهن سان ٺٺولي ڪري چيائين ته: پنهنجي پير کان پڇ ته معراج خاص پيغمبر صلي الله عليه وسلم لاءِ هئي يا ٻين لاءِ به؟ درويش جڏهن لنواري پهتو، تڏهن خواجه صاحب جن جي صحبت ۾ اهڙو ته محو ٿي ويو جو شيخ عبدالرحيم جو نياپو ڏيڻ وسري ويس. جڏهن موٽڻ جو ارادو ڪيائين، تڏهن خواجه صاحب ڪيس پاڻمرادو فرمايو ته: شيخ عبدالرحيم کي چئج ته بغداد جي خليفي لاءِ هڪ پل اڏائي هئائون، جا اچا تائين

---

* ماهاني "نئين زندگي"، جون ١٩٥٠ع تان ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم آهي ۽ هرڪو متائنس پيو لنگهي. ساڳيءَ طرح عالم جي سردار لاءِ به ڄڻ گويا هڪ پل ٺهرائي ويئي، سا ڪا ڀڄڻ جي نه آهي. البت ان تان لنگهڻ جو حق ۽ شرف رسول اللّٰه صلعم کي ئي هو، پر سلطان جي پٺيان پيا به پنهنجي شان ۽ رواج موافق لنگهي سگهن ٿا.

شيخ عبدالرحيم کي جڏهن هي جواب پهتو، تڏهن هڪدم لنواري هليو آيو. پهريائين ارادو ڪيائين ته ڏسان ته خواجه صاحب ڪهڙي پائي ۾ آهي. چاهي وٽن حقيقت ۽ معنيٰ آهي يا فقط اسم ۽ رسم! خواجه صاحب کائنس قرآني آيت "والطّور و ڪتاب مّستور في رّق منشور والبيت المعمور" جي معنيٰ پڇي. شيخ عبدالرحيم ظاهري معنيٰ بلڪل سهڻي نموني ۾ ادا ڪئي. پر جڏهن خواجه صاحب مٿس روحاني معنيٰ جا دروازا کوليا، تڏهن اکين تان انڌاريون لهي ويس ۽ هڪدم سندن مريد ٿيو. پوءِ بحث مباحثا ڇڏي وڃي عرشين لڳو. هڪڙيئي ملاقات ڏئي ڇڏيس ۽ وري سندين حياتيءَ ۾ لنواريءَ نه آيو.

جڏهن خواجه محمد زمان صاحب وفات ڪئي ۽ خدشو هو ته متان سجاده نشيني تي رڳڙو ٿئي، تڏهن شيخ عبدالرحيم پهريون ئي شخص هو، جنهن سندس صغير فرزند خواجه گل محمد جي بيعت ڪئي ۽ هڪ سڄو سال سندس ملازمت ۾ رهيو. تنهن کان پوءِ موڪلائي پنهنجي ڳوٺ گرهوڙ ۾ گذارڻ لڳو. اتي گهڻو وقت خلوت ۾ گذاريائين. بلڪل ٿورو کائيندو هو، ۽ ٻئي ٽئي ڏينهن مُسهل وٺي معدو خالي ڪندو هو. انهي مجاهدي ڪري اهڙو ضعيف ٿي ويو، جو بنهه هڏن جي مُٺ وڃي بچيو.

شيخ عبدالرحيم کي جهاد اصغر جو هميشه شوق رهندو هو ۽ شهادت جي تمنا هوندي هيس، جتي ڪا بدعت ڏسندو هو، اتي ان جي پاڙ پٽيندو هو. گرهوڙ کان ٿيهه ڪوهه پري خيرپور رياست ۾ هڪ مهاديو جي مڙهي هئي، جتي هر قسم جون بچڙايون ٿينديون هيون. سندس آرزو هوندي هئي ته انهيءَ بتخاني کي

سڀئي صورت ظاهري، آهن آرا سا
اي سڀ سُهڻو سهڻين، ٻاڻ ٻراهون آهه
دار دنيا جو ڇڏي، ننگهه لقا ٻر ڏانهه
جتي جلوي شاه جي، سچ چنڊ سجهايا

## لقاٻر

لاٽن لقاٻر رهي، ٻدر ٻاڇويا
آهي ڏسن آن کي، جي آنَ ڏيهه ويا
دنيا دار نه دوس جو، نڪر تنهن نجهرا
ملڪ پسين محبوب جو، جت عيش نه عيش جها
سدا سارنگ ٿو وسي، نڪو وڻ کوماءِ
مرض موران ناه ڪو، قحط جاءِ نه ڪا
موت مُحالي آهين، وائي ويريءَ ناهِ
علم عطائي آهين، ڪينهن شڪ شبها
ڏک نه ٿئي ان ڏيهه ۾، سيئي سڙها
سج ري سهائو ٿئي، ڪچهه ري ڪپڙا
سيڪي سينسر سيڪنهين، ويلي وات نه ڪا
وِجهل ان وطن جي، مون کي ماريو ماءِ
اٿئي ٻهر اداس ۾، گهري ماه مٿاءِ
سجهيس سڪ ساڻيهه جي، ويتر ٻاڙيچا
جنين قرب ڪنڊن سين، مچر ماڻڻ لاءِ
ٻلر ٻساڪُو سپرين، سانگي سلتم جا
جهجان جهوري تن جي، ڳلن سر ڳوڙها
وري ٻاڙي ٻريان ڪنهه ٻر مڙان ماءِ
ساريو سپرين کي، قاڻان فراقا
مولي ميڙ غريب کي، مٺو محبوبا .

سچ، ڪلام سرتاپا سونهن جو سڙ آهي. گرهوڙي صاحب

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پھريون ٿي سنڌي بزرگ آهي؛ جنهن جا سنڌي نثر ۾ مقولا موجود آهن، جي سنڌي نثر جو سونو ديباچو ٿاهين ٿا. هيٺيان ڏه مثال ڏجن ٿا:

(١) مال کھڙو پار؟ هيٺيون هورنڙا ٿلو.
(٢) رزق ڪنهن پر اچي؟ جيئن مينهڙو وسي.
(٣) حاجون سي ڪجن، جيائين ڪاچڙا سجهن.
(٤) ڳالهڙيون تيئن ڪجن، جيئن ٻچڙيون ڪاڃن.
(٥) جيڪي ڪري، سو خدا.
(٦) ڏيڻ انهيءَ جو ڪم، ٻنڌو ڪچاڙو ڏيندو، ٻنڌو سگهوئي ورچي.
(٧) ٻنڌو جائي گنڌو، پاڻ پاڪ، ٻنڌو جهلڪ.
(٨) ڪوڏي آڳن وسن.
(٩) اڪيو هري پر نه ٽري.
(١٠) سيڪو پنهنجي ڪرم جي چني ڏو لوڙي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنھن وڃائي ويسري، چاڙهي چمارا
محبت منڊي ميٽ جي، پيهي نہ پروڙا
هنهين لاف هڻندي لنگهيا، اناسي عمر جا ڏينهڙا.

اهڙي بزرگ جي مزار ڏسڻ جي گهڻي وقت کان آڪير هيم. آخر تاريخ ١٩ آڪٽوبر ١٩٥١ع جو اٽڪل ٩ بجي ڏاري عزيزم مسٽر الله بخش نظاماڻي سان جيپ ۾ چڙهي، ملاڪاتيار جي پرسان ڪوڪرن جي ڳوٺ طرف روانو ٿيس. مسٽر الله بخش ٽالپر هڪ ڏينهن اڳيئي تڪليف وٺي ڳوٺ جي وڏڙن، جهڙوڪ حافظ احمد ولد حافظ عمر ميمڻ ۽ حافظ احمد ولد حافظ محمد بچل مانگاڻي ميمڻ جي مدد سان قبر جي تشخيص ڪري ڇڏي هئي، جا صدين کان خدا جي پاڻهن جي زيارت گاه ٿي رهي آهي. ڪٽڙ جي اسٽيشن کان رستو ٽکڙ شريف يا وسي ملوڪ شاه ڏانهن نڪري ٿو. اگرچه منواريل ناهي، تہ بہ بسين ۽ ٻيل گاڏين جي اچ وڃ ڪري، اهو ٺاڪرو رستو پڪي جهڙو ٿي پيو آهي، ۽ ڪيس انجنيري ڪاڻ جي انگلن ۽ آرن جي ضرورت ڪانهي. اڳتي تہ هن موسم ۾ چوڏاري ساوڪ لڳي پيئي هوندي هئي. پر هن سال پاڻي جي اڻاٺ ۽ مينهن جي ماٺائيءَ ڪري، سڄو ملڪ پڙيانگ لڳو پيو هو. رڳو ٽکڙ جي اوريان درياه جو نظارو ڪي قدر وڻندڙ هو. وات تي حضرت مرشدنا خواجہ عبدالرحمان سرهندي قدس سره (١٢٣٣-١٣٥٥هہ) ۽ سندس فرزند حضرت خواجہ حسن جان نورالله مرقده جي مقبري جي ورهين کان پوءِ زيارت نصيب ٿي. احاطي جي ٻاهران هڪ تجر هيٺان عزيزي محترم سيد ميران محمد شاه جي پن جگر گوشن نياڻيءَ ۽ سڪيلڌي فرزند قبول محمد شاه جي آرامگاه تي قل پڙهي ختمو بخشيو ويو. اتي پنهنجي آخري آرامگاه لاءِ پڻ خالي جاءِ ڇڏي ڏني اٿس. رب تعاليٰ ڪيس شل ڏينهن ڏئي! بي اختيار سعدي جو قطعو دل تي تري آيم:

بس نامور کہ زير زمين دفن ڪرده اند
کز هستيش بروي زمين بر نشان نماند

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانداني شجرو ۽ مغلن ڪان مليل پروانو ڏيکاريو، ۽ انهن سان گڏ
هڪ نهايت نفيس ۽ لاثاني حمائل، پنهنجي والد بزرگوار جو
ڪلام ۽ ٻين خاندان جي بزرگن جون تصنيفون ڏيکاريون. ضمناً
ٻڌائون ته سندن والد بزرگوار جو سهڻن اکرن ۾ لکيل "ديوان-
گل" جو نسخو ڪيترن ورهين کان خان بهادر الحاج محمد صديق
ميمڻ وٽ ويو آهي. بزرگ واعدو فرمايو ته جڏهن ٻيو ڀيرو
ايندا ته ساري ڪتب خاني جو ديدار ڪرائيندس، اتي وڃين ويلا
ڪري چڪي هئي ۽ آفتاب عالمتاب غروب ٿيڻ تي هو، جو بزرگ
رفاعيءَ کان موڪلائي، ٽنڊي محمد خان جي رستي، ڇيرڪو
حيدرآباد پهتاسين.

——

هيئن نه ڳهربو هوءِ، جو بيکس کي بيران ڪٽيئي.

## (ب) اباڻي اڪير

اباڻن جي اڪير، راتيون ڏينهن ٿي رُئان.

١- آءٌ هت ماندي تن مارن ري، ڪليو پين هو ڪير –
ماه سنگهارن ماري

٢- قسمت واري ڪوٽ مان ڪڍ تون، عمر چام امير –
ڳاراڏو ٿو ڳاري

٣- اباڻن جي آسري، لوڏي ٿيڙم ليڙ –
پٽ پنهور جي پاري

٤- ”بيکس“ وس ناهي ويڙهيچن، توڙ ٿون هي تقدير –
ڪير لکئي کي ٽاري.

## (ج) درد جي دانهن

ماريس وڇوڙي، ور تون جيءَ جا جيارا جلدي.

١- شب و روز انتظاري، ڪئي بره بي قراري
لک لک ڪريان ٿي زاري، دل جي دوا نه لڳندي –

٢- ماري فراق آهيان، ڪو دم جيئري ناهيان
مگ تومان ڪهڙو ماهيان، پانهي ڳومان هلندي –

٣- ڪوڪان ڪريان پڪاريان، پاڏايان ٿي پاڪاريان
توکي اکڙين م وهاريان، ڪنهن کي نه سور سلندي –

٤- ”بيکس“ فقير جون دانهون، پڌندين الله لڳ آهون
پهچڻ ڏيندين تون پانهون، پيا در پوءِ ڪيڏا رلندي –

## ( د ) هِنَ هُنَ ڪان وياسين

هِنَ هُنَ پنهين ڪؤن وياسين - پڪي يار جي پياسين
هي بار درد غم دا، چـمي سر آنـي چـاياسين.

١- چـُستي جي چوٽ هڻ تون، هستيءَ جي اوٽ پيچ تون
مستيءَ جي ڳوٽ ڪڻ تون، سوريءَ جي سر چڙهياسين-

٢- شب روز ڪـرنـدي زاري، دريـاه دل ويـچاري
سڙ ڳئي جندڙي ساري، ڪنهن انگ ۾ اڙياسين-

٣- بيڪس نہ ڪنهن ۾ اڙندا، سڪندي سوليءَ تي چڙهندا
دم بدم هي سڳڙا دَر دا، هرگز نہ ڪنهن جهلياسين-

## ( هہ ) ڪڏهن ملندين راڻا ؟

ڪڏهن راضي ٿي ملندين راڻا؟

١- ڪاڪ ڪوماڻي، ويل وهاڻي، پينگ ٿيا سڀ پاڻا -
٢- خيال خاطر پيو ڪـو ناهي، چاڙيون توکي چاڻا-
٣- هيڻن وسارڻ ناهـي لائـــق، سوڌا يار سياڻا-
٤- توريءَ ڪنهن سان ڪندي جاني! مُنڙي مومل ماڻا -
٥- چا ڪئون، راڻا، تون رسي وئين، سختيون سور سماڻا-
٦- ”بيڪس“ چاهي تنهنجي دَرَ بن؟ وتن ولي وڪاڻا-

## ( و ) خوني خماريل اکيون

خـــوني خماريـــن چشما چُٽن ٿيون
ڏسڻ سان عاشق، ڪيئن نہ ڪهن ٿيون.

١ـ اهـي نـاز پرور، نازڪ نماڻيـــون

عاشق کھڻ لاءِ، شايد ساماڻيون
تکا تير مڙگن جا بيشڪ هڻن ٿيون-

٢- ڏاڍي ناز واريون، نيڻھن نا نباھن
چيو مون کي مرشد، سدا بيوفا آھن
زوران زور زوري، بانوريون چڙھن ٿيون-

٣- تکا تير مڙگن جا، ابرو ڪماني
سپر سينو منھنجو، هڻ پل تون جاني!
اهي ناز واريون، ڪڏهن نا مڙن ٿيون-

٤- اهي ڪن ٿيون سودو، سدائين سر جو
ڏسي، طالبو! تن، ڪڏهن ڪين مڙجو
"بيڪس" سان بازر ۾، امالڪ اڙن ٿيون-

## ( ز ) آءُ تہ پرچون

راز محرم! رُس مَ يار! آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

١- ڪڏن ڪيئي جاني جدائي، چو ڪيئي مون سان بيوفائي،
نام مولا جي نھار - آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

٢- حال واقف يار هردم، هُج هميشه همقدم،
دم بہ هڪڙو ٿي نہ ڌار - آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

٣- هي رقيبن راه ماري، تن ۾ طلب تنھنجي تاري،
اکيون تنھنجون گل انار - آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

٤- بيڪس بيوس چا ڪري، جو دم دم تو لاءِ ٿو مري،
توتان صدقي وار وار - آءُ تہ پرچون پاڻ ۾.

## ( ح ) پنھل جو اجھو

ڪونھي پنھل بنا پيو ڪو اجھو، جت ڏير ڏئي ويا مٺي کي ڏجھو.

١- آءُ اوني الله لڳ، ڏس ڏي پنهل ويو ڪهڙي ڏڳ،
آئي مـن هجي ڪـو سنگتي مچو.

٢- چو ٿيون جهليو مون کي اديون، هر ڪا ڏمي پنهنجون مديون،
چو ٿيون اوهين روح ۾ رَجهو.

٣- ڪُوڪان ڪيان ڪيهان گهٽيون، رندن مٿي رئنديس رڙيون،
لڳو درد دلبر جو گجهو.

٤- ننڊ ندوريءَ لاچار ڪيو، پنهنجي پنهل ڪان ڏار ڪيو،
هاڻي جبل جالڻ ٿيو جهجهو.

٥- ”بيڪس“ چوءِ هن بحر مؤن، ٿبي ڏيٿي ڏس لهر مؤن،
اوهين عشق جي دامن پجهو.

## ( ط ) صورت جو ساز

بنائي ساز صورت جو، عجب لڪڙا لڪائين ٿو.

١- آئين آدم رکي نالو، ڪيو ڪيڏو تو ڪشالو،
چوري چشمن سندو چالو، عاشق معشوق ٿاهين ٿو.

٢- صوفي منصور ڪئي سواري، سيري نيزي ٿيي دسواري،
بلا شاه مد هاڪاري، پنهنجن جا ڪنڌ ڪپائين ٿو.

٣- روهڙيءَ م رنگ ٿئي رلدل، چاڙهي سر بار ٿئي بيدل،
حسن بازار ڪري حاصل، هاڻي ”بيڪس“ چوائين ٿو.

مان پايان ٿو ته ڪيس ”حسن بازار“ حاصل ٿي ۽ انهي جي ”در جو سگڙو“ ٿي عمر پوري ڪيائين. پر سال وات ويندي ”بيدل“ ۽ ”بيڪس“ جي زيارت ڪيم. ٻنهي ۾ ڪنهڙي اندر ٿي قبرون آهن: وچين بيدل جي، اولاهين بيڪس جي ۽ اوڀارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فقير عبدالله آخوند جي. اها راحت ۽ رقت جا شاھ ڪريم، شاھ
عنايت ۽ شاھ لطيف جي روضن اندر ايندي آهي، سا ڪانه آئي.
ديوارن تي چوڌاري عاشق جيوڙن جون بيتن ۾ سڪائون لکيل
نظر آيم، اندر ۾ ڪيل- ماندي ٻاهر نڪتس. شايد ٻين تي ٻي
ڪيفيت طاري ٿيندي هجي، پر منهنجي روح کي ڪو ڪوبه ريلو
نه آيو. شل هادي سڀني کي حفظ ۾ رکي!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو اخلاص عالم مان عجب هي دور آيو آ

---

لانگ فيلو جي ”حياتي جو گيت“ :
مر چئو مون کي حياتي خواب آهي.

---

منهنجو خدا آهي مون ساڻ .

---

۽ سهائي راتڙي وغيره.

بهرحال اهو مرحوم ميرزا صاحب جي اڻ ٿڪ محنت جو نتيجو آهي، جو سنڌي ساهت ايتري ڪڙي تي پهتي آهي. جڏهن سنڌي ادب جي ڪامل تاريخ لکبي، تڏهن سندن نالو سونهري اکرن ۾ لکيو ويندو- رحمه الله رحمة واسعة .

---

# حڪيم فتح محمد تغمدالله برحمته *

مرحوم حڪيم فتح محمد صاحب جن علم ادب جي ميدان ۾ گهڻين خوبين ۽ صفتن جا صاحب هئا، ۽ نثر توڙي نظم ۾ امتيازي درجو حاصل هون. سندين وفات بعد اچا ڪو اهڙو جامع الصفات آدمي پيدا نه ٿيو آهي، جو سندن جوڙ ۽ جيس هجي ۽ سندن جتيءَ ۾ پير پائي.

مرحوم جا قرب وند ۽ بزرگانه ناتا، هن لکندڙ سان انيڪ هئا ۽ مرڻ گهڙيءَ تائين سندين شفقت هلندي آئي. خود پنهنجا پويان پساه به منهنجي جوڙن تي ڏنائون، ۽ منهنجا اندوه آگين ڳوڙها سندن مشڪندڙ منهن ۽ زعفراني ڳلن تي پيا. ڪٻن سڪرات جي سختي به ڪانه ڏٺي، ۽ نهايت سڪون ۽ اطمينان سان پنهنجي جان پنهنجي جان آفرين کي سپرد ڪيائون.

سندين ولادت جي پوري خبر ڪانه اٿم. پاڻ سيوهڻ جي عالي نسب ۽ علمي خاندان جا، جنهن ۾ طبابت ۽ حڪمت پشت بپشت هلندي اچي، تنهن جا گوهر گل چراغ هئا. سندن والد صاحب جو نالو خليفو ميان محي الدين صاحب هو، جو پڻ پنهنجي فياضيءَ ۽ فضيلت ڪري مشهور آهي. استاذنا مرحوم مولوي حاجي عبدالرحيم منگسي، سنڌ مدرسةالاسلام جو معلم الفقه، سندن همعصر هو، ۽ ٻئي ڄڻا پاٽ شريف جي عالم ۽ عامل مولوي خيرمحمد صاحب وٽ پڙهيا هئا.

طالبي جي زماني ۾ جناب حڪيم صاحب جن طبع جا وقاد ۽ غضبناڪ ذهن ۽ ذڪاءَ جا مالڪ هئا. عربي توڙي فارسي ۾ نهايت پاڪيزه شعر جُڙي ويندا هئا ۽ بحث مباحثي ۾ پڻ زرنگ

* ماهنامي ”نئين زندگي“، ڊسمبر ١٩٥٦ع تان ورتل:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن جو علاج پاڻهي پاڻ ڪندا هئا. پنهنجي مرض جي ميلاپ ڪري آخر سندن ڏاڪ جا هڏا ڪاچي هيٺ ٿي پيا، ۽ اگرچ بمبئيءَ کان خاص ڪاٺ جي گهوڙي گهرايائون، تہ بہ هلڻ جهڙا نہ ٿيا. پڇاڙيءَ ۾ انهيءَ ابتلاء ڪري لازم الفراش ٿي پيا، ۽ نيٺ ضعف ۽ نقاهت ڪري هن فاني جهان کي ماہ ذوالحجة سن ١٣٦١هه (مطابق ڊسمبر ١٩٤٢ع) ۾ الوداع چيائون. وفات کان ڪيترو ئي عرصو اڳي پنهنجي وصال جو سال هڪ قطعي ۾ چٽي ڇڏيو هئائون، جو "مشت خاڪ" (١٣٦١هه) مان نڪري ٿو، انهيءَ مان ئي سندن قادرالڪلاميءَ ۽ فراست جو اندازو ڪري سگهجي ٿو - غفرالله لہ والجميع المومنين.

مرحوم حڪيم صاحب جن جون تصنيفون.

هيٺين تصنيفن جي مون کي پوري پروڙ آهي.

(١) احوال لعل شهباز قلندر. نهايت تحقيق ۽ تدقيق سان لکيل آهي. مون وٽ هڪ نسخو هو، سو بہ پاڻ گهرائي ورتو هئائون. هينئر شايد عدم پيدا آهي.

(٢) سيرة النبي. پنهنجي نوع ۾ لاثاني آهي. نهايت مٺي ۽ سليس عبارت ۾ لکيل ۽ سڀني خوبين تي حاوي آهي. پاڻ ڪريمن صلعم جي سوانح عمريءَ تي سڀني ناحيت کان روشني وڌي ويئي آهي. گهڻن سالن جي اڻاٺ بعد، سنڌي ادبي بورڊ جي اهتمام سان ڇپايو ويو آهي.

(٣) تنوير الايمان. قرآن شريف جي تفهيم لاءِ هڪ موزون تمهيد آهي. منجهانئن حڪيم صاحب جـن جـي همہ گير معلومات پکي ٿي ۽ ڪيترين ڳالهين ۾ مولانا ابوالڪلام جي تفسير کان افضل آهي. جديد نموني تي لکيل ۽ مصر جي مشهور مصنف فريد وجديءَ جي ڪتاب "صفوة العرفان" (جو مون کان اڌارو ورتو هئائون) جي طرز تي پڌل آهي.

(٤) ڪمال ۽ زوال. نهايت مٺي پيرايي ۾ لکيل، ابن خلدون

ڪٿي نـــاز انـداز ســـان ٿو قدم اڄ
ٿي چڙهي عيد ان لئي خـدا جو قسم اڄ
مليـو آهـــي مضمون حـــبِّ وطن جو
مـــليو موقعـــو آهـــي سير چمن جـو
ٿيو صحن ڪاغـذ جو اڄ خـوب رنگين
بهشـت بريـــن جـــو ٿيو فـرش زرين
ٿي مس منهنجي مشڪ ختن، فافه چين
لکان لفظ جنهن سان معطر ۽ مشڪين
وطن جي محـبت جـــو هي داستان ٿيو
وطـــن منهنجو دنـيا ۾ جنت نشان ٿيو
وطن جـــا وڻن وڻ، وڻي ٿاري ٿاري
خـــزان وطـــن ۾ بـــہ آهـــي بهاري
ٿـي چڙهي روز روشن، منديس رات ڪاري
منجهس مثل جنت جي ٿيون نهرون جاري
وطـــن منهنجو هڪ جـنـت آباد آهـي
وطن سان ٿي بس منهنجي دل شاد آهي.

## بهار جي موسم

بلبلو! خـوش ٿيو، جو آ باغن ۾ اڄ آيـو بهار
عاشقن جي روح کي، اڄ آهي ريجهايو بهار
طبع منهنجي کي غمن کان ڪانہ هئي فرصت نصيب
پر بهاري شعر لءِ اڄ تنهن کي پڙڪايو بهار
ناز سان آيو چمن ۾ آهـي اڄ محبوب گل
بلبلِ شيرين نـــوا، اڄ واه جـو ڳايـو بهار
باغبان کـان هـو خزان ۾ ويو رســـي بلبل، مگر
باغبان سان اڄ وري بلبل کي پرچايو بهار.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## سچي قرباني

ڪي ڏين قربان پنهنجي يار تان
يار جي رفتار ۽ گفتار تان

ڪي وري گهورين سڀڪجهه ڪن نثار
يار جي سر تان ۽ هرهڪ وار تان

مال ۽ زر تان ڪا ڪي ڪن صدقي مِير
ڪي ڪا سر گهورين دنيادار تان

۽ ڏين ڪا ڪي فدا اولاد لاءِ
ڪي عزيز و خويش رشتيدار تان

غرق ٿيا ڪي ڪِن نه ڪنهن سواد ۾
ڪي وڃن ٻلهار ڪا واپار تان

ڪي مرن اڄ پنهنجي ناري لاءِ ڪا
ڪي فدا ڏين ڪرسي ۽ دربار تان.

---

صدقي ٿيان شل آءٌ خدا جي نانءَ تي
آءٌ ڏيان قربان پالڻهار تان

آءٌ ٿيان صدقي وطن جي خاڪ تي
گهور ٿيان شل آءٌ وطن جي خار تان

## شاهه ڀٽائي.

سنڌ جو سهڻو مٺو ۽ سنڌ جو سينگار شاهه
شاعرن شيرين ڪلامن جو سچو سردار شاهه

لال ٿيو جنهن جو لقب ۽ نانءُ ٿيو جنهن جو لطيف
سنڌ جي روحاني دلدارن مان هو دلدار شاهه

جنهن جياريو مارئي کي ۽ عمر ڪيائين ڪي عمر
ساهه جنهن سسئي ڏنو هو، سو پنهون جو يار شاهه

چا سندس ٻولي مٺي، چا سنديس وائي عجيب!
واه خوش رفتار، واه خوش گفتار شاه

—

جنهن پڙهيو آهي رسالو شاه جو رس رمز سان
ڏو چوي سو هيج مان، آهي هئين جو هار شاه
جي منجهي من، دک مان دل پرجي، کڻي پڙهه شاه کي
ڏئي اکين آنند ۽ تو لاءِ ٿئي مثار شاه.

حقيقت جي پچا.

بقا جي ۽ فنا جي سڀ حقيقت
اڙي غافل گل و گلزار کان پڇ
پلائي، پائڇيءَ جو پيد ۽ رمز
مهاجر کان ۽ پڻ انصار کان پڇ
چکو وحدت ۽ آزاديءَ جو پيمم
اچي سا کيفيت سرشار کان پڇ
جهادِ في سبيل الله جو رڪو
جنابِ حيدرِ ڪرار کان پڇ
منهنجي همت ۽ طاقت جي حقيقت
رقيبِ رهزن و مڪار کان پڇ
منهنجي هن شعر جو ڪجهه قدر قيمت
وڃي تون ڪنهن درِ شهوار کان پڇ.

—

شعر اکثر عروض جي بحرن ۽ وزنن تي چيو اٿن، پر ڪاٿ ڪاهي زير اضافت جي علت کان عليل آهي. اگرچه منجهس ايتري اضافت جي گهڻات ناهي، جيتري موجود وقت جي مصنوعي شاعرن جي ڪلام ۾ آهي. بالجمله سندن شعر گهڻي قدر پاڪيزو، صاف ۽ متين آهي. فارسي ادب ۾ 'صائب' ۽ 'ناظم هروي' شاعرن،

فردن جي شڪل ۾ ڪيترائي ٻهاڪا لکيا آهن. جن ۾ حسن تمثيل سمايل آهي. حڪيم صاحب جن شايد پهريان ئي شخص هئا، جن سنڌي شعر کي فرد سان سينگاريو آهي. ڪي ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

لڇڻ جي وچ منجهان پڻ ٿا لڀن ڪي ڪي چڱا انسان
وڇين آڱر ۽ آڱوٺي جي وچ ۾ ڏس ته اشهد ٿي.

---

نه فڪر نان جو ڪر، پڙهه نماز ۾ پنهنجي
پيرن ۽ نڪ ۽ اکين کي ته آهي "نان" لکيل.

---

رهي سگهجي ٿو نرمي سان پنهنجي دشمن جي وچ
ڏندن جي وچ ۾ آهي، ڏس! سلامت ڪيئن زبان تنهنجي.

---

جي پائين تو ۾ برڪت ڏي ته قرباني جو شيوو سک
سڙن سڀ ٿا جي پروانا شمع تي، ته به لڀن لک ٿا.

---

چڱو انسان سيڪڙن سان چڱو ٿي ٿو هلي هر دم
رسائي ريج دريا، جهڙو باغن، تهڙو جهنگن کي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٣٧) ڪنهن جو ڏوهه ڪونهي، جهڙي ڪري سو الله.
(٣٨) مري جواب ڏيو.
(٣٩) ڪو ڪنهن جو نه ٿيندو.
(٤٠) حق ٿيندو، حق وڪيل ڪندو.
(٤١) سڀڪو پنهنجو وڙ ٿو ڳالهائي.
(٤٢) نيت ولمراد، ڪ ڪانئجي ڪڻ اوبارجي.
(٤٣) جي سچ سچي بانهن ڏي ته سچي نه ڳهجي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاه عبداللطيف رحم
## ( سوانح، ڪلام ۽ رسالي بابت مطالعو )


شيخ عبداللطيف جو احوال
شاه ڀٽائي ۽ مخدوم محمدي کهڙائي
شاه لطيف جي تصوير
شاه جي عظمت جا اسباب
شاه جو صوفيانو شعر
شاه لطيف ۽ رومي
جبر ۽ اختيار يا تقدير ۽ تدبير جو مسئلو
ڀٽائي جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جو مسئلو
شاه جي نظر ۾ انسان جو تصور
شاه جو سارنگ
شاعر ۽ سگهڙ
ڀٽ تي پيرو ("گنج" نسخي جو مطالعو)
رسالي جا قديم قلمي نسخا
شاه جي رسالي جا ٽي آڳاٽا قلمي نسخا
شاه جي رسالي ۾ تحريفون
شاه جا ڪم ڏٺل بيت
سيد عبداللطيف: "سنڌ جي امانت"
تمر فقير جو احوال ۽ ڪلام



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شيخ عبداللطيف جو احوال*

شيخ (۱) عبداللطيف، سيّد عبدالڪريم بلڙيءَ واري جو پوٽو (۲) هو، جنهن جو هو مٿارين ڪان لڏي آيو هو. هو تمام پرهيزگار ۽ متدين انسان هو، ۽ هالن واري مخدوم نوح جو دادلو مريد هو. سنديس نماڻائي ۽ نهٺائي تمام جهجهي هئي ۽ ان سان گڏ پرهيز ۽ تقويٰ سبب کيس بلڙيءَ ۾ وڏي عزت ڏني ويندي هئي. خدا جي برڪت سان کيس ٽي پٽ هئا (۳)، جن جا نالا هئا: ۱- عبدالوارث ۲- عبدالواسع ۽ ۳- شاهه حبيب. شاهه حبيب جڏهن وڏو ٿيو، تڏهن پنهنجو اباڻو ڳوٺ ڇڏي، هالا تعلقي ۾ وسڻ (وسڻ) جي

* ماهنامي ”نئين زندگي“، ڊسمبر ۱۹۵۸ع تان ورتل. اصل ۾ هي احوال ڪنهن سرڪاري ملازم جو سنڌيءَ ۾ لکيل هو، جو سنڌ سرڪار جي ترجمان ڊبليو، سائوديءَ (Southey) نالي، سر بارٽل فريئر لاءِ ۷ نومبر ۱۸۷۰ع ڌاري انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيو، ۽ وڏن فولسڪيپ پنن تي ڇپيل آهي. سائوديءَ جي انگريزي ترجمي جو هڪ پراڻو ۽ زبون نسخو مون کي جناب محترم نواب عبدالحميد خان ولد مرحوم نواب خداداد خان مؤلف ”تاريخ لب لباب سنڌ“ پراڻي سکر واري جي هٿان مليو، جنهن لاءِ مان منديس نهايت شڪر گذار آهيان. منهنجي نظر ۾ هيءُ آڳاٽي ۾ آڳاٽو شاهه لطيف رحه جي زندگيءَ جو احوال آهي. هي به پڻ اولياءالله جي تذڪرن وانگر ڪرامتن، ڪرشمن ۽ ڏند ڪٿائن سان ڀريل آهي، جي سنڌين حياتيءَ جو حصو آهن، ۽ ڪنهن به طرح جدا ڪري نٿيون سگهجن (ع. ر).

(۱) خبر ناهي ته سوانح نگار سيّد عبداللطيف کي ڇو شيخ عبداللطيف ڪري لکيو آهي. مرشد کي به شيخ چئبو آهي.

(۲) درحقيقت: ڙڙپوٽو- سيد عبداللطيف بن سيد حبيب بن سيد عبدالقدوس بن سيد جمال بن سيد عبدالڪريم.

(۳) هي سارو بيان حقيقت جي برخلاف آهي. شاهه ڪريم کي چار پٽ هئا: (۱) سيد دين محمد (۲) سيد لعل محمد (۳) سيد حسين ۽ (۴) سيد جمال.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوٺا ٻن ٻوڙين سان ڪڍايو، ۽ ٻيڻ ٻه وڏا گهر ۽ گچ ڪنهڙا ڪرڙا ڪيائين. ٻيون جايون زيارتين ۽ فقيرن جي رهائش لاءِ ٻوءِ پيرو شاھ صاحب جي سجاده نشين ٺهرايون. موجوده [١٨٧٠ع] جو سيّد مسند ڏڏي آهي، سو شاھ عبداللطيف جو ستون قائم مقام آهي.

شاھ جي ٻونين ڪي گذران ۽ معاش لاءِ پنهنجا مستقل ذريعا آهن، ۽ آرام سان رهن ٿا. مير ۽ ٻيا رئيس سندن مريد آهن، جي ڪشادہ دليءَ سان شاھ جي مقبري تي پيناڻون ڏيندا آهن.

چيائين ته: اوهين سرڪاري نوڪري ڇڏي ڏيو، جو اوهين صاحب امانت جا ٿيندؤ. ڪيس هڪ ڪوهي ڪٽڻ جو حڪم ڪيائين، انهيءَ جاءِ تي جتان پاڻ اڳيئي ڪوڏر جو ٽپو هڻي مٽي ڪڍي هٺائين. پوءِ رخصت وٺي واپس پٽ شريف تي هليو ويو - ”دروغ بر گردن راوي“.

۽ دل جون طاقتون ڪليل اٿن، تن کي شاهه جي بزرگيءَ جي تصور لاءِ ٻاهرين ٽيڪن جي ضرورت ناهي. شاهه جي عظمت ۽ بلندي انهيءَ ۾ آهي ته خود سندس ڪلام پڙهي پرجهون ۽ دوئيءَ جا ورق ورائي ڇڏيون. اهي صنم ۽ صورتون پاڻ حجاب آهن ۽ دوست جي ديدار کي ڇپائين ٿيون. اهي گهڙا ٿي گهوريا جي محبوب جي ملڻ ۾ گهڙيون وجهن.

صورت سوجهه مَ تنهن جي، پيءُ پڇين ٿو جو
اِي سخن آهي سو، جو منهن مقابل نه ٿئي.
(شاهه)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاه جي عظمت جا اسباب *

هيءَ ڳالهه ته عام مڃيل آهي ته شاه لطيف دنيا جي وڏن شاعرن مان هڪڙو آهي. سنڌ جي شاعرن ۾ ته سندس درجو سڀني کان مٿانهون آهي، خصوصاً بيت گوئي جي باب ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ڪانئس اڳ توڙي پوءِ ڪيترائي نام ڪٺيا شاعر ٿي گذريا آهن، جن انهيءَ فن ۾ طبع آزمائي ڪئي آهي. پر انهن جو ڪلام ڄڻ ته بيجان بوتو آهي، جنهن مان ڪنهن به قسم جو روحاني رس ڪونه ٿو اچي، اِلا ماشاءالله. خدائي ڏنل ذات مان ڪنهن جي ريس ڪانهي. ڪو به لئيءَ مان لٺ پڇي شاعر ٿي نٿو سگهي.

ٻه ٽي سال ٿيا جو مون کي سنڌ جي سڄڻ ۽ شاه جي شائق ڊاڪٽر سارلي پنهنجو دنيا جي ڇهن قديم ۽ جديد ٻولين (جهڙوڪ، يوناني، لاطيني، فرانسوي، عربي، سنڌي ۽ اردو) مان ١٣ چيده شاعرن جي غنائي شعر جو انتخاب، پنهنجي انگريزيءَ ۾ شاعراڻي ترجمي سان هديه طور موڪليو هو. افسوس جو انگريزي، الماني، اسپاني، لاطيني وغيره موجوده زبانن مان ڪي به ٽڪرا نموني طور ڪونه ڏنا اٿس. سنديس راءِ موجب غنائي وجداني شعر جي ميدان ۾ شاه سڀني کان سرس آهي، ۽ انهن تيرهن شاعرن مان ڪو به ساڻس برميچي نٿو سگهي. خود پاڪستان جي مشهور شاعر اقبال تي به شاه کي ترجيح ڏني اٿس، ڇاڪاڻ ته اقبال سواءِ ڪن جزوي نظمن جي پنهنجي ساري ڪلام ۾ فارسي شاعريءَ جي تقليد ڪئي آهي، جو فقط موجوده وقت جو اردودان طبقو به اڻپوري طرح سمجهي سگهندو. ان جي برعڪس شاه جو ڪلام

* ماهنامي "نئين زندگي"، آگسٽ ١٩٥٩ع تان ورتل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا مينهن وسندا هجن، ڏک ۽ ٻک ڪري ڏيل ڏهيون ڏيندو هجي، جدائي ۽ فراق ڪري جهڄندڙ ۽ جدا ٿيندڙ هجي، شاهه جو هڪ ٻه بيت ڳائيبا ته دم ٻل ۾ سڀ اولا لهي ويندا. سيني کي اهڙا راحت رسندي ۽ دل کي اهو آٿت ۽ آرام ايندو، جو هزار حڪمتن سان به حاصل نه ٿئي.

جي تو بيت ڀانئيا، سي آيتون آهين،
مڱر مونهائين، پريان سندي پار جو.

---

مان روشن ڪيائين. پوءِ آدم کي پنهنجي صورت ۾ خلقيائين.
”خَلَقَ آدَمَ عَلَيٰ صُورَتِہ“ ۽ کيس سيني شين جو علم ڏنائين
۽ هدايت ۽ گمراهيءَ جا ٻه رستا ڏيکاريائين. جڏهن ابليس گمراه
ڪيس تڏهن ارضي زندگي جو تلخ تجربو چکڻو پيس، اتيئي وڏيو
ويڇيو، ۽ اتيئي انسان ذات جي واڌاري جو ڪارڻ بڻيو. اهڙي
طرح وحدت مان ڪثرت ٿي، ٻر سيني جي واتان هيءَ وائي
نڪتي ”اسين پانهان، تون ڏٺي“.
سيڪنهن وٿ ۾ ڪانہ ڪا نشاني آهي، جا خدا جي وحدانيت
جي شاهدي ڏئي ٿي:
وَ فِي ڪُلِّ شيءٍ لہ آيۃٌ - يَدُلُّ عليٰ انّہ واحد
سيني جو هلڻ هوت ڏي آهي، ۽ آخر اها ڪثرت وحدت ٿيڻي
آهي. ”ڪُلُّ مَنْ عَلَيها فَانٍ و يبقيٰ وَجْهُ رَبِّڪَ ذُوالجَلال
وَالاڪرام“. ڪرو ڪو جو جيڏيڪي پاڻ کي ماري مات ڪري
۽ وحدت جي وهانءَ ۾ شامل ٿئي!

نابوديءَ نيئي، عبد کي اعليٰ ڪيو
صورت ۾ مخفي ٿيا، صورت پڻ سيئي
ڪتبي آت ڪيهي، ڳالهہ پريان جي ڳُجهہ جي.

---

نتيجو آهي، جنهن ۾ ڪيترائي ڪرا ۽ ڪوڙا بيت اچي ويا آهن. شمس تبريز وانگي نڪا شاه ڪاني ڪرامت هلائي ۽ نڪي سندن مريدن، جو سربستو سلامت پاڻي مان ٻاهر نڪري اچي. سندس ڪلام جي پختگيءَ ۽ تنوع ۽ مالا ماليءَ بنسبت هيئن چئي سگهجي ٿو ته شاه کان گهڻو زمانو اڳي سنڌڙي سچن صوفين ۽ بزرگن جو آڪاڙو هئي، جنهن ڪري سندس شعر متقدم صوفين ۽ شاعرن جي خيالن ۽ معنائن مان معمور آهي. سندس ڪلام جي لساني ۽ سلاست، نغمي ۽ سُر لاءِ هي سبب ڪافي آهي ته شاه خود هڪ باڪمال راڳينڊڙ هو، جنهن ڪري سندس حاذق هٿن ۾ اڳين شاعرن جي کهري ۽ ڦڪڙي ٻاڻي، سلوڻي ۽ سُرَ واري ٿي پئي. جيئن ڊاڪٽر سورلي چيو آهي ته ”شاه پهريون ٿي شخص هو جنهن سنڌي زبان جو تخيلي استعمال ڪيو“. هن پنهنجي ٻاجهاريءَ ۽ شيرين زبان ۾ اهيئي خيال ادا ڪيا، جي سندس وقت ۾ مروج هئا.

شاه جي عبقريت بذاته تغزل ڏي مائل آهي، ۽ سندس عشقي شعر ۾ ئي صوفيانہ خيال سمايل آهن. سيني ڳالهين جو مرڪزي موضوع آهي 'عاشق جو معشوق کان جدا ٿيڻ؛ عاشق جي معشوق لاءِ تلاش ۽ سندن آخري ميلاپ؛ جو اڪثر جسماني موت بعد حاصل ٿئي ٿو.' اها جستجو اڻ ٿڪ، دائم ۽ بي انتها آهي. اها سرگرداني عاشق کي مرگهہ ترشنا جي جل وانگر هرڪائي، کيس لڳاتار ڳولا لاءِ همٿائي ٿي، تان جو انهيءَ طلب ۾ مرندي، وڏي وڇوڙي بعد پنهنجي يار سان وصال پائي ٿو. جيئن تلاش زياده تيئن طلب ۽ سڪ زياده؛ عشق جي وات ۾ فوري وصال سالڪ کي خام ۽ ڪچو بنائي ٿو. شاه انهيءَ پي در پي تانگهہ ۽ طلب ڏانهن ڪيترين ئي جاين تي اشارو ڪيو آهي:

ڳوليان ڳوليان مَ لهان، شال م ملان هوت
من اندر جا لوت، مچڻ ملڻ سين مائي ٿئي.

فوري وصال جي ڪري اندر جي لوچ وسامي وڃي ۽ سالڪ جي

نـڪـا ابـتدا عـبــد جـــي، نڪا انتها
جن سچاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي وياء

---

نابوديءَ نيٺي، عبد ڪي اعلـيٰ ڪيو
مورت ۾ مخفي ٿيا، صـــورت ۾ سيٺي
ڪبي ات ڪيھي، ڳالھ پريان جي ڳجھ جي.

اھڙا ۽ ٻيا انيڪ خيال، دنيا جي سيني صوفين آد ڪان ڳايا آھن.
شاھ انھن کي پنھنجو رنگ روپ ڏيٺي سنڌي ويس ڍڪايو آھي.
اھڙن خيالن جي وستار ڪرڻ لاءِ دفتر گھرجن.

---

اوس ڏيڻو آهي، تنهنڪري سنديس ڪوشش بيسود ۽ سعيو اجايو آهي. جيڪي لوح محفوظ تي اُڪريل آهي، سو اڻ ٽر آهي. ڀوءِ انسان ڪري ڪيترو ئي حيلو وسيلو ڪري ۽ هٿ پير هلائي، جيئن سونهاري شاهه فرمايو آهي:

توڙي ولاڙون ڪرين، توڙي هلين وڪ
ليکي منجهان لک، ذرو ضايع نه ٿئي.

—

لکيو جو نراڙ، سو انگ ڪياڙي نه وهي
ٻاڙيو ويٺي ٻاڙ، جيڪي لالن لکيو لوح ۾.

—

جتي جيتريون، لکيون لوح قلم ۾
تتي تيتريون، گهڙيون گهارڻ آئيون.

مر سڀڻي ۾ پڻ ساڳيو خيال هن طرح نروار ڪيو اٿس:

آءُ ڪمر ٻاڌان اينءَ، نه جر گهڙيءِ جو ڪو ٿيي
قضا ٻا ڪريم جي، تنهن ڪان ڪنڌ ڪڍبو ڪينءَ؟
هڪ لکيي ٻيو نينهن، آڏي اوليس اول ۾.

—

نه ڪانيءَ نه ڪانهن، نه ڪو ڏوهه قلم جو
انگ اڳيئي لکيو، جتي رسي نه ٻانهن
ڪنهن کي ڏيان ڏانهن، جيئن قضا قلم وهائيو.

ٻانهي جي من ۾ هڪڙي، خاوند جي من ۾ ٻي. سنديس لطف ئي ٻيڙين مان لنگهائي پار ڪري ٿو:

هڪ جا ٻانهي من ۾، ٻي جا ڪري الله
تنهن واحد کي واهه، جو ستڙ سڀئي ڪري.

—

هڪ جا ٻانهي من ۾، ٻي جا الله ڪري
ٻاڍهي وڃي ڪن ۾، ٻاڍهي ڪنديءَ ني.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪونهي قادر ڪو ٻيو، آنين جو اياڳ
قل لن يصيبنا الا ما كتب الله لنا، اي
معذرت ماڳ
سيوڻي سڀاڳ، مارڻيءَ مساوي ٿيو.

اهوئي هڪ سچي مومن جو عقيدو هئڻ گهرجي، اهڙوئي عذر بندي لاءِ راحت ۽ اطمينان جو باعث آهي.

در طريقت هرچه پيش سالک آيد خير اوست
در صراط المستقيم اي دل کسي گمراه نيست.

(٥) جيستائين تون ”خدا“ ۽ ”بندو“ چوندين، تيستائين شرڪ ۾ آهين. بلڪ عارف ۽ معروف هڪڙو آهي. جيئن چيو اٿن ته: ”درحقيقت اهو آهي، هتي خدا ۽ پاڻهون ڪتي آهي. يعني سڀ خدا آهي.“

(٦) پن چئن جي وچ ۾ محبت تيستائين درست نه ٿيندي، جيستائين هڪڙو ٻئي کي نه چوي ”اي مون!“.

انهيءَ زماني جا سڀئي صوفي بزرگ، جهڙوڪ ذوالنون مصري ( وفات ٢٣٥هه )، بايزيد بسطامي (وفات ٢٦١هه)، حلاج (وفات ٣٠٩هه) ۽ شبلي (وفات ٣٣٤هه)، اگرچه هرڪو پنهنجي نموني ۾ صوفياڻا خيال بيان ڪري ٿو، ليڪن سڀئي گهٽ وڌ وحدت الوجود جي عقيدي ڏي مائل آهن، ۽ خدا کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ نٿا ڏسن.

ذوالنون مصري ڪيمياوي ۽ فيلسوف هو، ۽ گهڻو ڪجهه جديد افلاطوني فلسفي مان اقتباس ڪري تصوف سان ملايو اٿس. بايزيد بسطامي ته ذوالنون مصري ۽ جنيد بغداديءَ کان به ڪئين وکون اڳتي ويو آهي ۽ نهايت دليريءَ ۽ بيباڪيءَ سان وحدت الوجود جو پرچار ڪيو اٿس. محويت جي عالم ۾ ۽ الاهي نشي جي اثر هيٺ، هيٺيان جملا سندس وات مان صادر ٿيا آهن:

( ١) ليس في جبتي سوي الله. يعني ”الله“ کان سواءِ ٻيو ڪي به منهنجي جبي ۾ نه آهي.“

(٢) سبحاني ما اعظم شاني. يعني ”پاڪائي جڳائي مون کي، ڪيڏو نه وڏو شان آهي منهنجو.“

(٣) لا الٰه الا انا فاعبدون. يعني ”ڪوئي به الله ڪونهي سواءِ منهنجي، منهنجي عبادت ڪريو (يا مون کي سڃاڻو)“.

چاڪاڻ ته عبادت جي معنيٰ معرفت يا سڃاڻڻ به آهي، جيئن مولىٰ سائين فرمايو آهي: وما خلقت الجن و الانس الا ليعبدون.“ ”نه خلقيو آهي مون جنن ۽ ماڻهن کي، مگر انهيءَ لاءِ ته مون کي پوڄين يا سڃاڻن“. شيخ محي الدين ابن العربي چوي ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سو ساهڙ سا سهڻي، سائر ٻن سو ٿي
آهي نجو ٿي، گجهه اندر ڳالهڙي.

سڀ پنهون آهي، سسئي ۽ سور عارضي ۽ لابقا آهن:

پهڻي جان ٻان ۾، ڪيم روح رهاڻ
ته ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچين ڪاڻ
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هٽا.

جي پاڻ ۾ پئيندا ويا. اهو پنهنجو پاڻ آهي، جو عجيبن جي آڏو ڦري ٿو:

سو ٻڪي، سو پچرو، سو سر، سو ٿي هنجهه،
پهڻي جان پروڙيو، سون پنهنجو منجهه
ته ڏيل جنهن جو ڏنجهه، سو ماري پيو منجهه ڦري.

حاصل ڪلام ته وحدت الوجود ۽ وحدت الشهود جو بحث تمام وڏو آهي. دفتر گهرجن ته به ان جو بيان پورو ٿيڻو نه آهي. الفناء في الله، انسان جي روحاني ترقي جو فقط پهريون ڏاڪو، ۽ البقاء بالله جو ٻيش خيمو آهي. جيئن الله تعاليٰ جي ذات بي ابتدا ۽ بي انتها آهي، تيئن انساني روح جي ترقي به لاانتها آهي. وڏيڪ چون تي مهر آهي:

نڪا ابتدا عبد جي، نڪا انتها
جن سڄاتو سپرين، سي وڃڻ ڪي ويا.

---

تنيءَ ڏڏيءَ ڪاڙ، ڪانهي ويل ويهڻ جي
متان ٿئي اونداه، پير نه لهين پير جو.

---

واقف نه وڻڪار جي، اڳي نه ڏيهه، ڏٺم
ڏونگر ڏوراپن سين، ڪانيءَ ري ڪلوم،
جيلاهه محب مڻوم، تي ڇلون ڪريان ڇپرين.

---

هتان ڪٿي هٿڙ، جن رکيو سي رسيون
ساڃن سوڻهن سڙت، ورڪائي ويڇيو ڪيٿو.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيٺ سارنگ ملڪ تان سوڙهه لاٿي ۽ ماندو سهائو ٿيو. اهي وڇڙيون جي لال لبيس ڪري آيون، تن جي مهر فقط هن ملڪ سان نہ آهي! اهي ساري جهان جو سير ڪري، رسول الله صلعم جي روضي پاڪ تي وسي، روم، شام، ڪابل، قندار، دهلي، دکن، چين، گرنار ڪان گهمي ڦري، ڍٽ ۽ عمرڪوٽ تي پنهنجي ورڪا ڪرڻ آيون آهن. اي مائين! سنڌ تي سڪار ڪرين ۽ سڀ عالم آباد ڪرين! شاهہ جي همدردي سنڌ تائين محدود ناهي، بلڪ ساري جهان ڪي پنهنجي دامن ۾ آڻي ٿي!

—

صاحبو! مون کي معاف ڪندا، مون پنهنجي تقرير ۾ ڪنهن خاص شخص ڏانهن اشارو ڪونه ڪيو آهي. منهنجي مراد اصلاح آهي، نه فساد.

مراد ما نصيحت بود و گفتيم
حوالت باخدا کرديم ۽ رفتيم.

---

منکي ڪين ڪٿو، سوران مسلمان
احمد ڪونہ آندو، عرب ڪان ايمان
اي سر آهي سبحان، آدم ليکي آدمي.

انهن ڏينهن ۾ پڙهڻ جو چشمو اتفاق سان پٽجي پيو، جنهن ڪري ڪجهہ ڪم ۾ ڪانجاڻو پيو. پر لطيف جي لطف سان بنان عينڪ نور نچوئيندي اکين کي اهنج نہ پهتو. مطلب تہ اٺ ڏينهن خير سان پورا ڪري ڪراچيءَ پهتس، دل ۾ حسرت رهجي ويئي تہ چيو نہ سموري گنج کي نظر مان ڪڍيم. پهرين جون ١٩٥٢ع جي ٥٥ ورهين جو ماڻ پرجهٽو هوم، سچا اٺ مهينا حقي موڪل رهيل هيم، پر ڪميشن ۾ زود پڪي نہ ٿيڻ ڪري اها نہ ورتم. نيٺ ربّ جي رحمت وري، اپريل جي شروعات ۾ پڪو ڪيائون ۽ تاريخ ١٣ کان وٺي ويندي ٣٠ مئي تائين ٤٧ ڏينهن حقي موڪل ورتيم، انهيءَ لاءِ تہ گنج جو رهيل ڀاڱو ختم ڪريان.

١٦ تاريخ اپريل جي گرميءَ ۾ پٽ تي پهتس. اگرچہ سيّدن ۾ شاديون هيون ۽ سندن جايون چاچين ماچين سان معمور هيون، تڏهن بہ پاڻ ملهائي وري بہ ساڳيو ڪمرو عطا ڪيائون. چوڌاري غوغاءِ هئو تہ بہ بندي کي "خلوت در انجمن" حاصل هئي. غلام حيدر خانساماں هن دفعي ڪراچي هليو ويو هو، تنهنڪري پهريان ڏينهن سوڪ سنهڙي ماني ۽ تورين جي ڀاڄي، سجاده نشين جي حويليءَ تان ايندي هئي. رات جو سٽيو ماهيو ڪير ايندو هو، جو رات جو بہ پيئندو هوس ۽ صبح جو سوير نيرانو بہ واپرائيندو هوس. انهيءَ سنهيءَ سيڪيل مانيءَ مان جا لذت ايندي هئي، سا هوند جعفرخاني ۽ باقرخاني مان بہ نہ اچي، پر هن خاڪسار کي مانيءَ جي گهرج ڪانہ هئي ۽ انهيءَ سڪيءَ مانيءَ جي ساءَ ننڍي هوندي طالبيءَ جو زمانو ياد ڏياريو، جڏهن پاڙونيون مڪڻ سان جهپيل جوئر جون مانيون، سياري ۾ ڏانڊن تي سيڪي، انهيءَ ذوق سان کائيندا هئاسين، جو هفت اقليم جي حاڪم کي بہ نصيب نہ هوندو. چئن پنجن ڏينهن جي عرصي بعد غلام حيدر

پورو ڪري، خير سان حيدرآباد پهتس. اندر ڪي آئت هوم ته وڏو خزانو ساڻ کڻي آيو آهيان:

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪائو ڏيئي
تن سيپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي
پسندا سيئي، آمل اکڙين سين.

—

# رسالي جا قديم قلمي نسخا *

حضرت شاه عبداللطيف عليه الرحمت جي ڪلام جا قلمي نسخا، جا بجا سنڌ ۾ ٽڙيا پکڙيا پيا آهن، پر ڏينهن جا ڏاتار اڄ ڪٿي ويا آهن؛ ۽ باوجود استدعائن جي ڪوبه اعتبار جوڳو قديم نسخو هٿ ڪونه آيو آهي، سواءِ ٻن ٽن بياضن يا انتخابن جي، جن جو ذڪر پڻ مشهور نسخن جي ذيل ۾ ڏنو ويندو.

عام روايت آهي ته شاه صاحب عليه الرحمة پنهنجي گڏ ٿيل ڪلام جا چند نسخا، پنهنجي وفات کان ٿورو اڳيرو ڪراڙ جي ڍنڍ ۾ ٻوڙي ڇڏيا، پر پوءِ فقيرن جُهد پٽي، پنهنجي بزرگوار مرشد جو ڪلام گڏ ڪري ورتو، جنهن کي "گنج" چوندا آهن. چون ٿا گنج جو اصلوڪو نسخو تمر فقير جي حفاظت هيٺ هو، جو سيّد جمال جي رنجش ڪري پاڻ سان ڪڇ پيچ ڏي کڻي ويو، يا اڏيري لعل جي سادات وٽ امانت طور رکي ويو. بهرحال انهيءَ نسخي جو اڃا تائين پتو ڪونه پيو آهي. شايد زماني جي خورد برد ڪري وڃائجي معدوم ٿي ويو هجي؛ پر انهيءَ حالت ۾ ان جا آثار، تمر فقير جي پالڪن وٽ ضرور رهجي ويا هوندا. چنانچه اهڙائن مان پڌرو آهي، ان جي تلاش جاري آهي. ۽ جيڪڏهن ربّ تعاليٰ جي فضل سان ان جو ڪو نقل هٿ چڙهي ويو ته وڏو وثيقو ٿي پوندو، ۽ حضرت شاه صاحب جي ڪلام کي ڪامل بنائڻ ۾ وڏي مدد ملندي - وليس علي الله بعزيز.

اصلوڪي گنج جي عدم موجودگيءَ ۾ اڄين ڇنبو ته ڀٽ شريف تي جيڪو "گنج" رکيل آهي، سوئي موجود قلمي نسخن ۾ زياده قديم ۽ معتبر آهي، ۽ ان ۾ شاه صاحب جو سارو

* ماهنامي "نئين زندگي"، نومبر ١٩٥٣ع تان ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نادرست ثابت ٿيو، باوجوديڪ مرحوم محنت ۽ جفاڪشيءَ کان
ڪونہ گهٽايو هو. مرحوم شهواڻي کان پوءِ ڪيترن ئي صاحبن
تجارت ۽ جوفي خاطر رسالي جا رطب ۽ يابس نسخا ڇپايا آهن،
جي اڃوڪيءَ اڏهوند ۾ ماڙهن وٽ گشت ڪري رهيا آهن.
ربّ تعاليٰ توفيق بخشي تہ رسالي جا هر ممڪن ميسّر نسخا ميڙي،
هڪ مستند نسخو تيار ڪيو ويندو. منهنجي ادب جي سڀني سڄڻن
کي استدعا آهي تہ ناياب قديم نسخن جو پتو هن ضعيف ڏي
ڏياري موڪلين. والثواب عندالله.

# شاهه جي رسالي جا ڏي آڳاٽا قلمي نسخا *

گذريل پنجن سالن ۾ تقريباً ڏهه قلمي نسخا شاهه جي رسالي جا پيٽيا اٿم، جن مان ڪن تي ڪتابت جي تاريخ ڏنل آهي، ته ڪن تي نه ڏنل آهي. انهن مان ٽي دستي نسخا سنه ١٢٧٠ هجري جا لکيل آهن، يعني شاهه صاحب جي وفات بعد ١٠٥ قمري ورهيه پوءِ جا لکيل آهن. افسوس جو ڪوبه نسخو لڳ ڀڳ شاهه جي زماني جو هٿ نه آيو آهي، اگرچه هڪ نسخو ١٢٢٥ هجري جو مولوي احمد جت وٽ آهي، جو اڃا تائين ڏيڻ کان پيو ڪيٻائي. جيڪڏهن سچ پچ ١٢٢٥هه وارو نسخو مولوي احمد جت وٽ آهي ته اهو نهايت ڪمائتو ثابت ٿيندو، ۽ ان کي ٿي نئين نسخي جو اساس يا بنياد ٺهرايو ويندو. سنه ١٢٧٠ هجري جا رسالا هي آهن:

گنج، جو لطيفي درگاهه تي تمر فقير جي اوطاق ۾ رکيل آهي. ان جو مفصل بيان اڳيئي ڏنو ويو آهي. اهو رسالو تاريخ ٧ ماهه جمادي الثاني ڏينهن اڱاري سنه ١٢٧٠هه مطابق تاريخ ٧ ماهه مارچ ڏينهن اڱارو سنه ١٨٥٤ع) ڏاري خليفي اسماعيل جي حڪم موجب اڏيري لعل جي سيّد عبدالعظيم عرف وڏل شاهه لکي پورو ڪيو. منجهس شاهه صاحب جي ڪلام کان سواءِ پيو به گهڻو اوڦٽو شعر آهي.

لٽڙي وارو نسخو، جو مير امام بخش خان ٽالپر (وفات ١٩١٣ع) جي فرمايش موجب ميان محمد حافظ نالي ڪاتب ٢٩ شعبان ١٢٧٠هه (مطابق ٢٦ مئي ١٨٥٤ع) ڏاري لکيو، يعني گنج جي ڪتابت کان اٽڪل اڍائي مهينا پوءِ. ليڪن هي رسالو ڪنهن

* ماهنامي ”نئين زندگي“، سپٽمبر ١٩٥٧ع تان ورتل

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير نورمحمد خان تہ تاريخ ١٠ شوال سنہ ١٢٥٥ هجري (١٧ ڊسمبر ١٨٣٩ع) ڌاري وفات ڪئي (١). ميانيءَ ۽ دٻي جي لڙاين بعد انگريزن سندس وڏي فرزند مير حسين علي خان کي ٻين ميرن سان گڏ ڪلڪتي موڪلي ڇڏيو، جو وري شعبان ١٢٧٥هہ (مارچ ١٨٥٩ع) ڌاري حيدرآباد موٽي آيو (٢). ملّا نعمت هي نسخو ان کان پورا ٢٠٥ سال اڳ ۾ لکيو، ڇا ان مان گمان ڪجي تہ مير نورمحمد خان جا ديرا ان وقت حيدرآباد ۾ ساڪن هئا؟ بهرحال هيءَ ڳالهہ تحقيق طلب آهي - و فوق ڪل ذي علم عليم.

---

(١) ڏسو انگريزي تاريخ سنڌ، تاليف مرحوم شمس العلماء ميرزا قليچ بيگ صاحب. ڀاڱو ٢، ص ٢٢٦

(٢) ايضاً، ص ٢٣٨

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ماستر محمد قاسم وارا نسخا ته اها مٽ ڪئي نٿا لکن.

سر مارئي

هيٺئين بيت ۾ "حبيب چٽي" جي بدران "حبيب جي" لکيل آهي. اڳين قرات گنج ۽ ٻين ٻن نسخن جي آهي:

تنهن پر آئن مينهڙا، جنهن پر گهرياڻون
رضا جا رحمان جي، پچي پارياڻون
ملير ماڏياڻون، حڪم ساڻ "حبيب جي".

سر پورب

هيٺيون بيت "بلال" نالي هڪ سگهڙ جو آهي ۽ اهو نالو ڇهن معتبر قلمي نسخن ۾ ڇاڊايل آهي، ليڪن "بلال چي" جي بجاءِ "بهار جي" لکي، ويچاري ٻهراڙيءَ جي شاعر کي پنهنجي حق کان محروم ڪيو ويو آهي:

ڪانگل قريبن جا، اچي واڪيءَ وڻ
تو ۾ بوءِ "بهار جي"، مشڪ ڪٿوري مڻ
اچي عجيبن جو، اورانگهج اڱڻ
توکي پسي تڻ، سورنئون صاف ٿئي.

اهو بيت "بلال" شاعر جو آهي. انهيءَ ڳالهه مان به ثابت ٿئي ٿو، جو ساڳئي بيت جي هڪدم پٺيان مير علي احمد واري بياض ۾ هيٺيون بيت "بلال" جي نالي سان ڏنل آهي:

سورنئون صاف ٿيئي، تن پسي توکي
ههڙي پڇ "بلال چي" جا پر چوکي
ڏيل چڏيو ڏوکي، سور سڀئي ني سچني.

مطلب ته رسالي جي جمع ڪندڙن وڏو ڦهر ڪيو آهي. اڪيون ٻوڻي ٻين جو ڪلام ڪٺي رسالي ۾ داخل ڪيو اٿن. جن بيتن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعرن جا نالا ڏنل آهن، تن جي تشخيص ڪرڻ ته سولي آهي، پر اهي بيت، جن مان شاهه جو شعور ئي نٿو بڪي، ۽ جن مان اجنبيت جي بوءِ اچي ٿي، تن جي تميز ڪرڻ نهايت ڪٺن آهي، ۽ وري انهن کي اوڻ تي شاهه جي ڪلام کان جدا ڪرڻ به انصاف جي خلاف آهي. بس، خدا جي وس.

---

لاڻ مان ورق پريو پون. باقي مٺو شاھ واري رسالي تي نڪو
ڪاتب جو نالو ۽ نڪي ڪاتب جي ڪا تاريخ ڄاڻايل آھي،
مگر پنو مضبوط قديم سٺي وارو اٿس. ھڪ صفحي تي (پو)
”غوث محمد قريشي از درگاه نالايه ڪڇھہ ڀوج“ جي ھٿ اکرن
۾ تاريخ ۱۲ رجب المرجب ۱۳۱۶ھ لکيل آھي. ازانسواءِ صفحي
۳۰۴ ۽ ۳۰۵ تي پڻ جدا جدا مھرون آھن، جن جي ڪتابت
حال في الحال پڙھڻ ڪان پري آھي. ليڪن انهن ۾ ڪابہ تاريخ
ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. پڇي صفحي تي ڳاڙھي مس ۾ ھي لفظ
مرقوم آھن ”اين رساله تصنيف شاه صاحب مخدوم شاه لطيف
رحمت الله عليه“. محتويات جي ازروءِ ھي رسالو ھوبھو آخوند
محمد شفيع ولد آخوند الياس جي لکيل نسخي (۱۲-۲۰ صفر
۱۲۰۳ھ) جھڙو آھي، فقط آخر ۾ احسان فقير ۽ پٽس اسماعيل جي
سر ڪيڏاره مان سترھن بيت ڏنل آھن. آخوند محمد شفيع جو لکيل
رسالو، ديوان تارا چند شوقيرام پنھنجي پڻ ڀائرن ساڌو نولراءِ ۽
ساڌو ھيرانند جي يادگار ۾ اين-ايچ اڪيڊمي (ھاءِ گورنمنٽ
ھاءِ اسڪول حيدرآباد) جي ڪتبخاني کي ڏنو ھو، جو اڃا تائين
اتي موجود آھي ۽ مون ان جي تطبيق ڪري ڇڏي آھي. سيد
مٺو شاھ وارو رسالو حقيقت ۾ ھڪ بياض يا منتخب آھي، جنهن
۾ جدا جدا سرن مان ڪي چونڊ بيت درج ڪيا ويا آھن. مثلاً
مارئي جي سر جا منجھس فقط ۲ داستان آھن. اگرچہ ڇاپي نسخن
۾ ٿيھہ اکري سميت ۱۱ داستان؛ جمعي فقير ۽ ان جي نقلن ۾
۱۸ داستان، لونگ فقير واري نسخي ۾ ۲۷ داستان، ۽ مولوي احمد
جت واري رسالي ۾ فصلن ۽ منزلن کان سواءِ ۲۸ داستان آھن.

ھاڻي سوال آھي تہ مٺو شاھ وارو رسالو، آخوند محمد شفيع
جو رسالو، برٽش ميوزيم ۽ انڊيا آفيس وارا نسخا، سيد ابراھيم
شاھ ۽ ماستر محمد قاسم جا رسالا، سڀ حقيقت ۾ ڪامل مڪمل
ديوان يا رسالا آھن، جيئن سندن عنوانن مان پڌرو آھي، يا مورڳو
ڪنهن خاص قديم رسالي يا ”گنج“ جا اختصار ۽ انتخاب. پھرين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، پر گهڻو ڪري سڀني رسالن ۽ بياضن ۾ ساڳيا آهن، جي مون راتو ڏينهن رت ولوڙي، سڌوڙي سهيڙي رکيا آهن. اميد ته جڏهن سڄو رسالو ضميمن سميت تيار ٿي ويو، تڏهن خلق کي خبر پوندي ته ڪيترين ويهين سؤ آهي؛ ۽ جناب ماستر صاحب جو هڪ رسالي تي هيترا بل ڪاڙا آهن ۽ ٽير ٽپا ڏنا آهن، تنهن کي پڻ معلوم ٿيندو ته جنهن شخص گذريل ڇهن پنجن سالن ۾ ساهه سڪائي، ويهن پنجويهن رسالن جو مواد ڪٺو ڪيو آهي، تنهن وٽ نون نفيس بيتن جو ڪيترو نه انبار هوندو! ليڪن سڀڪو پنهنجي هنيءَ آهر هوڪو ڏئي ٿو- ڪل حزب بمالديهم فرحون!

—

نالا اُبجدوار هيٺ ڏجن ٿا، سمجهڻ ڪي سمجهن: احسان، بلال، ٻڍو، جبير، جوڻيجو، حبيب، حسين، طالب، عزيز، عطا، عنات، عنايت، عيسو، قاسم، قطب، ڪيسر، ڪنڀي، لاکو لطف الله، لکمير، محمود، مگيل ۽ هلال.

هيءُ آهي سنڌس ادبي ۽ علمي تحقيق جو حال - ”هوڙا هاچا ٿين، بري هن ٻنهور ۾“.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٤]

تيڏي ويل، تمر ڇـي، ڳهائي ويس ڳهٽ
اديون آريڇن جـي، ڪئو ڦوڙائي ڦــٽ
مادر، آءٌ نہ مٽ، آڏيءَ اوءِ انئي ويا.

[٥]

آڏيءَ اوءِ انئي ويا، ڪر رکيائون ڪيچ
ٻاروچاڻي ٻيچَ، منهنجو مـــن منجهائيو.

[٦]

منهنجو مـن منجهائيو، جتن جـي جمال
وڏو سورُ سرير ۾، ڪيچين جي ڪمال
هوت نہ پائي حال، ميٽ نہ ٿيا معذور جا.

[٧]

موني ٿيا معذور جا، حال نـہ پائي هوت
ڏنيم ڏاڍين ڏونگرين، جتن ڪارڻ جهوت
هينئڙو ٿيو ٻہ ٻوت، جو وهم ٻريان جي وڍيو.

## سرود رامڪلي

[١]

ويراڳي واحد سين، رکـج چاهُ چـوري
هي جي ڪَنَ ۾ ڪپار جا، سي ڪامل وجهہ
ڪوري
منجهان ڏيل ڏوري، ريجهائيج رام کي.

[٢]

ريجهائيج رام کـــي، ٻري ٻليءَ ٻيت
سناسي سنسار جي، سُور ۾ وڃائج مَت ۾
جا جڳائي جوڳ کي، ٻارج سا ٿـي ٻتَ ۾
هئي آديسي آت ۾، وانءُ سڳيون سناسي ڪٺي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

[٣]

سڳيون سناسي ڪٺي، ڏيج ڀريين پار
سڳا، سيليون، سڳيون، ڏاڳا ڪيم ڏئار
هيءَ جا هاج هٿن جي، سا ڪوڙي آهي ڪار
من منجهائين مار، تہ اوڏو ٿئين الک کي.

[٤]

جي پائين اوڏو ٿيان الک کي، تہ وڃ رام
سين راهي
سناسي سنسار جا، ڇڏ لاڳاپا لاهي
جتي جانا جوڳ جي، آت سامي رس ساهي
ڪاپڙي ڪاهي، ڳنگا پيٺي گومتي.

[٥]

ڳنگا پيٺي گومتي، سامي سير ٿيا
ويراڳي واحد لاءِ، ڪنهن جنهن پهہ پيا
مٿي تيرٿ، تمر ڇي، آو واڪيندا ويا
تن ڪاڇوئين ڪيا، هٿي ڳس هنگلاج ڏي.

[٦]

هٿي ڳس هنگلاج ڏي، هو سامي ٿيا سير
جتي جانا جوڳ جي، آت مرڪي آيا مير
هِت ڪياڻون راضي رام کي، هُت ٿا چائين پير
تان پڻ اي تقدير، مچيندهين محو ٿيا.

[٧]

منجهئين من محو ٿيا، واريائون وائي
"ترڪ الدنيا راس ڪل عبادة" اي انهين لاءِ آئي
پڇن ڪانہ پيائي، اوءَ پيهي ويا پاتار ۾.

....

راڳڪلي سان تمر کي خاص عشق تو ڏسجي. پٺي هڪ
داستان ۾ گورکنات کي الله تعاليٰ سان ۽ گروءَ کي رسول الله

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلعم مان ۽ چين کي امت محمدي ٔمان تعبير ٿو ڪري ۽ اهائي رمز رامڪليءَ ۾ رکيل آهي.

[١]

نہ بابو نہ بکيا، نہ امہ اٿياتي
منجهان ارادي حق جي، ٿيو ظاهر عشق ذاتي
صورت صفاتي، پوءِ کيائين پڌري.

[٢]

پوءِ کيائين پڌري، بابو بياني
پائي سر صورت جو، آيو انساني
اي سر سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو.

[٣]

ذاتي مان صفاتي ٿيو، صفاتيءَ مان سڀ جڳ
آديسي الڳ، مشاهدو محبوب جو.

[٤]

مشاهدو محبوب جو، سامي سڃاڻيج
احد جدا احمد کان، پورا م پاڻيج
خالي ڪو م ڪٿيج، گر ري پساهہ گودڙيا.

[٥]

گر ري پساهہ گودڙين، خالي ڪونہ ڪئيو
بيراڳيءَ کي پڳوان جو، روح ۾ نام رهيو
وچاندر ويو، گر کي گڏيو ڪاپڙي .

[٦]

گر کي گڏيو ڪاپڙي، راول روبرو
”فڪان قاب قوسين او ادنيٰ“ رسيو جوڳي
انهين جوءِ
حق کي گڏيو هوءِ، لاهوتي لامڪان ۾.

[٧]

لاھوتي لامڪان جو، سامي ۾ سير ڪيو
جتي رنگ نہ روپ ڪو، راول تت رسيو
”ليس ڪمثلہٖ شيءٌ“ حسن حد نہ ڪو
ڳجهہ اندر ڳڙهيو، احد احمد پاڻ ۾.

....

پچاڙيءَ ۾ سندس نهايت سريلين ۽ سوز وارين پہ وايون ڏجن ٿيون.

[١]

مٺيءَ مَ ماريجاهہ، پاروچا، رهو رات پنهور ۾
اللہ ڪارڻ اونيا، واڳون واريجا
ڏکي ڏونگر وٽ ۾، جيڪي چاڙهيجاهہ
مون سانگياڻيءَ جا سپرين، پرين پاريجاهہ
پيرانديءَ پنوهہ جي، منهنجو لوڙهہ ڪجاهہ
طالب ڪي، تمر چي، محبن ميڙيجاهہ.

[٢]

هاڙي هلي روءِ، هلي روءِ، متني پير هٿن سين
واڪا ڪيو وڃن ۾، ٿي جربون ماري جوءِ
راڻي ۾ رڙيون ڪري، هن ڳاڙر ڳام نہ ڪوءِ
آريچا اٿن تي، هيءَ تان جهڙي جوءِ
وهڻ مون وهہ ٿيو، پرينءَ پچاڙا پوءِ
ان جا چڏي چپرين، تنهن هاريءَ حال نہ ڪوءِ
اللہ ڪارڻ اونيا، ڪر پُري پنهل ڪي چوءِ
ڪجان غور غريب جو، ڪيچان اوري ڪوءِ
آريءَ جي اولاد جو، شل سات سلامت هوءِ
ساڄن انهيءَ سات سان، ڪو هوت منهنجو هوءِ
طالب ڪي، تمر چي، ڪو ڏس ڏيرن جو پوءِ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب ته تم جي ساري زندگي هڪ مخفي مام آهي. دنيا ۾ اڪيلو ۽ تن تنها رهي، واحد سان ور وڌائين، ۽ آخر وڃي گورڪنات کي گڏيو:

هيڪائي هيڪ ٿيا، اوڏا ساڻ احد
هيءَ ڇڏيائون حد، ويا مطلق محو ٿي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# بزرگ هستيون

( صحابي، ولي الله ۽ عالم سڳورا )

حضرت ابوذر غفاري رضہ
شيخ عيسيٰ مسيح الاولياء سنڌي برهانپوري
شاه شهيد عنايت الله صوفي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو پئسو ماڻهن ۾ ورهائيندي هئي. ڪنهن شخص حضرت عمر کي اشاري طور چيو ته: جو نه آئي ويل خاطر خزاني ۾ ڪجهه پئسو جمع ڪري رکو! ڪاوڙجي چيائين ته: اها ڳالهه شيطان تنهنجي دل ۾ وڌي آهي. اسان لاءِ الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت جو ذخيرو ڪافي آهي، جنهن اسان کي ايڏيءَ پدويءَ تي رسايو آهي. خدا شل اسان کي دولت جي شر کان بچائي!

قادسيه جي لڙائيءَ بعد جڏهن بيشمار لٽ جو مال، غلام ٻانهيون، هيرا جواهر مديني ۾ آيا، تڏهن خوش ٿيڻ جي بدران اچي روئڻ ۾ چنڪيو. چيائونس ته: يا اميرالمومنين! هيءَ خوشيءَ جي مهل آهي، اوهين ڪيريو چو ٿا ڪريو؟ وراڻي ڏنائين ته: انهيءَ ڌن ۽ دولت ۾ مان مسلمانن جو زوال ڏو ڏسان. عمر سڳوري جي دوربين اک سڀڪجهه ڏٺو جو ٿيڻو هو. حضرت عثمان جي ڏينهن ۾ مال ميڙيءَ ۽ شاهوڪاريءَ، اسلامي امت جو اساس اکيڙي، ان جي مساواتي انتظام ۽ برتاو کي تهه و بالا ڪري ڇڏيو. اها زراندوزي ۽ زر پرستي هئي، جنهن جي برخلاف حضرت ابوذر رضہ ڪات کهاڙا کنيا: ليڪن ان زماني جي مفاد پرستن سندس چوڻ ٻڌو اڻ ٻڌو ڪري ڇڏيو، جنهن جو نتيجو ڇا ٿيو؟ حضرت عثمان جو ناحق قتل، خانه جنگي، حضرت علي جي شهادت، اموي ملوڪيت، ڪربلا جو واقعو وغيره وغيره: جن اسلامي وحدت ۽ مساوات کي پاش پاش ڪري ڇڏيو، ۽ اڄ تائين شيعن ۽ سنين جي اختلافن ۽ جهيڙن ۽ ٻين ناگفته به حالتن جو مشاهدو ڪري رهيا آهيون، جيڪي اسلام پاڪ جي نالي تي اڻ سونهائيندڙ ڪلنڪ آهي.

حضرت عمر رضہ جي وفات کان پوءِ حضرت ابوذر وڃي دمشق ۾ رهيو، جتي امير معاويه، قيصر ۽ ڪسريٰ جي تقليد ڪندي ڏاڍي شان شوڪت سان رهڻ ۽ ماڙيون محل اڏائڻ لڳو. سندس عصبيت جا ماڻهو سڀ شاهوڪار بنجي پيا، ۽ غريب وڏيڪ مفلسيءَ ۾ پيڙجڻ لڳا. اها حالت ڏسي ابوذر مساوات ۽ اخوت

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَتا سي سونهن، جي هڻا ڪوڏيا ڪاڪ جا
لڏوڻيان، لطيف چئي، لڏيو لوڏيڻڙن
سي موٽي مس اچن، جي آتڻ آرامي ٿيا.

(هي مختصر احوال موقعي آهر لکيو اٿم. اميد ته ٻئي مال جي حياتيءَ بقا ڪئي ته سيئي تاريخ ۽ حديث جا ڪتاب سوجهي، حضرت ابوذر جي پُرواقعات زندگيءَ تي سڀني ناحيتن کان روشني وڌي ويندي - والله علي ما نقول وڪيل.)

---

نہ هو، مگر سچو ڪتاب شايع ڪرڻ جي لائق آهي.

ڪتاب نهايت خوشخط آهي. ڪاتب جو نالو نعمت اللّٰه آهي، جنهن ان کي ١١٠٣ هجري ۾ اصل تان نقل ڪيو. ملفوظات جو جامع هڪ سنڌي بزرگ ابوالفرح سراج الدين اسماعيل بن محمود سنڌي القادري الشطاري آهي، جو حضرت "مسيح الاولياء" جو خاص مريد هو. هن اهو ڪتاب ١٠٢٠ هجري ۾ شروع ڪيو ۽ ٢١ سالن جي دير مدار بعد ١٠٦١ هجري ۾ تمام ڪيائين، ۽ ان جو نالو "ڪشف الحقائق" ڏنائين. ڪتاب جي ديباچي ۾ هن طرح رقم طراز آهي: "جيئن تہ اڪثر اوقات حضرت مسيح الاولياء جي زبان مبارڪ مان درس جي مسند تي ۽ ٻين موقعن جي اثناء ۾ سير ۽ سلوڪ جي باري ۾ عجيب نڪتا ۽ غريب اشارا نڪرندا هئا. منهنجي دل ۾ خيال پيدا ٿيو تہ ڇو نہ ڪو سندن فاضل مريدن مان انهن صاف گوهرن ۽ بي بها موتين کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي تہ طريقت جا ارباب ۽ حقيقت جا اصحاب انهيءَ مان بهرور ٿين. گهڻو زمانو گذري ويو پر ڪنهن کي بہ همت نہ ٿي تہ انهيءَ مهوري ڪم ۾ هٿ وجهي. تنهنڪري جيئن جيئن وقت گذرندو پئي ويو، تيئن تيئن سندن باريڪ نڪتا ۽ اعمال ماڻهن جي دلين تان ميساريا پئي ويا، تنهنڪري هن حقير باوجود ڪم بضاعتيءَ جي اهو ڪم ١٠٢٠ هجري ۾ پاڻ تي کنيو ۽ انهيءَ ملفوظات جو نالو "ڪشف الحقائق" ڏنو ۽ ان کي پنجن بابن ۾ مرتب ڪيو:

باب پهريون - سندن اباڻو وطن ۽ سندن آتان لاڏاڻو، ولادت ۽ تحصيل.

باب ٻيون - حق جي طلب ۽ مرشد جي تلاش.

باب ٽيون - اشارا ۽ نڪتا، جي سندن معجز بيان زبان مان وقت بوقت صدور ۾ ٿي آيا.

باب چوٿون - معاملات، مڪاشفات ۽ تصرفات.

باب پنجون - حضرت مسيح الاولياء کي ١١ صديءَ جو مجدد ثابت ڪرڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيخ عيسيٰ جو حسب ۽ نسب. شيخ عيسيٰ بن حضرت شيخ قاسم بن حضرت شيخ يوسف بن حضرت ملا رڪن الدين بن حضرت شيخ معروف بن حضرت شهاب الدين سنڌي مدظله.

شيخ عيسيٰ جو پايو ايترو قدر بلند هو. جو ڪيس هيٺين لقبن سان سڏيو اٿس: غوث العارفين، قطب الموحدين، قدوة المتخلقين، زبدة المدققين، سيد المفسرين، سند المحدثين، زينت العلماء، مربي الفقراء، مسيح الاولياء، ابوالبرڪت، عين العرفان ۽ شيخ المشائخ. ايڏي رتبي ڪري ڪيس ١١ صدي هجري جو مجدد ڪري سڏيو اٿن. جيئن حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي ته پاڻ ڪريمن صلعم فرمايو آهي ته: هر صدي جي منڍ ۾ الله تعاليٰ هن امت لاءِ (پنهنجي ڪامل ولين مان) هڪ اهڙو شخص پيدا ڪندو جو سندس دين متين جي تجديد ۽ اصلاح ڪري.

شيخ عيسيٰ جو اصلي وطن. شيخ عيسيٰ جو اباڻو ڏاڏاڻو وطن سنڌ جو مشهور ڳوٺ "پاٽ" آهي، جو پڻ سندس وڏن جو بڌايل آهي.

پاٽ مان لڏڻ جو سبب. جڏهن همايون بادشاه جي سنڌ ۾ اچڻ ڪري (٩٣٧-٩٥٠هه) چوڌاري تفرقو پئجي ويو، ۽ بد آمني وڌي ويئي، تڏهن عيسيٰ جو والد ماجد ۽ والده مڪرمه ۽ چاچو شيخ طاهر، جو وقت جو وڏو محدث ۽ عالم هو ۽ ٻيا ڪيترا عزيز ۽ خويش، پنهنجو پيارو وطن ڇڏي احمدآباد ڏي راهي ٿيا.

احمدآباد ۾ رهائش. انهن ڏينهن ۾ آتي حضرت غوث العالم شيخ محمد غوث قدس سره جو انهيءَ شهر ۾ وڏو ڌاڪو هو. شيخ طاهر به زيارت جي خيال کان حضرت غوث العالم جي خدمت ۾ ويو. جڏهن حضرت غوث جي شيخ طاهر تي نظر پئي، تڏهن فرمايائون ته سندس شيشو نهايت صاف آهي. ڪهڙو نه چڱو ٿئي جو ان ۾ شراب پئي. شيخ طاهر کي اهي لفظ نه آڙيا. پاڻ صاحب تقويٰ جو هو، ۽ دل ۾ چيائين ته اهڙي بزرگ کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاه کيس پنهنجي گاديءَ اڪبرآباد ڏانهن وٺي ويو، جتي سندس وڏو احترام ڪيو ويو. ميرزا خان خانان سندس خدمت ۾ ايندو ويندو هو، پر اڪثر اوقات ناڻي جون وڏيون رقمون سندس خدمت ۾ هديہ طور موڪليندو هو، پر حضرت مسيح الاولياء پاڻ وٽ ڪجهہ بہ نہ رکندو هو. سندس گهرواري بيبي خديجه هميشه ائين پائيندي هئي تہ سندس پيتار ڪو وڏو شاهوڪار آهي. پر حقيقت ۾ وٽس پائي بہ ڪانہ رهندي هئي. مرڻ وقت چار پنج سؤ قرض چڙهيائين، جي پوءِ سندن فرزندن ادا ڪيا. هڪ وڏي مسجد ۽ پڻ مدرسا اڏايائين، پر چندو ڪنهن کان بہ نہ ورتائين. سندين جي هميشه پرگهور لهندو هو.

شيخ عيسيٰ جو علمي رتبو. پاڻ وقت جو جيد عالم هو. تصوف تي سندس تصنيف "عين المعاني" نالي مشهور آهي. سندس ملفوظات ۾ وحدت الوجود ۽ تصوف جا پيا بہ ڪيترائي باريڪ مسئلا حل ڪيا آهن، جن جي بحث جي هتي گنجائش ناهي.

شيخ عيسيٰ جي وفات. حضرت مسيح الاولياء ١٥ شوال ١٠٣١ هجري ۾ وفات ڪئي ۽ سندس وصال جي تاريخ "هادي اعظم" ۽ "فيض عالم" مان نڪري ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاه شهيد عنايت الله صوفي *

<u>حسب و نسب</u>. شاه عنايت اللّٰه ابن مخدوم فضل اللّٰه ابن ملا يوسف ابن ملا شهاب الدين ابن ملا آجب ابن مخدوم صدو لانگاه رحمهم اللّٰه اجمعين (١).

مخدوم صدو لانگاه ويٺل شهر نصرپور، پرڳڻو ٻٺورو، وقت جي وڏن مشائخن مان ٿي گذريو آهي. ايتري قدر دنيوي پدارٿن جو تارڪ هو، جو رات جو پاڇيءَ جا مٽ به هارائي ڇڏيندو هو، ڇي ”نئون ڏينهن، نئون رزق“. متيارين جا سيّد به اوائل ۾ سندس ارادتمند هئا. سندس فرزند ملا آجب به ڪرامت جو صاحب ٿي گذريو آهي، ۽ سخت موحد ۽ متوڪل هو. هڪ دفعي ڪنهن ڳوٺ ڏي ٿي ويو. ٽپهريءَ وقت درياه جي ڪناري پهتو ته پتڻ جي ٻيڙي پور ڪٽي پرين پار نڪري وئي هئي. خادمن چيس ته: قبلا! سياري جي موسم آهي، بهتر آهي ته رات پر واري ڳوٺڙي ۾ گذاريون، صبح ٿئي ته پار هلنداسين. ورائي ڏنائين ته: خير، رات هتي ئي گذري ويندي. اڃا رات جو لمحو ڪن مس لنگهيو ته خدا جي قدرت سان درياء ڪر ڏيئي ڪسي ٿي پيو ۽ منجهانئس آواز آيو ته ”اي شيخ! جيڪڏهن پار لنگهڻ جو ارادو اٿيئي ته اچها وات.“ پاڻ قبول نه ڪيائين. تنهن تي بار بار اهڙو آواز پاڇيءَ مان آيو، جو سيني جي ڪن تي پيو. پاڻ چيائين ته ”اسان کي خدا تي توڪل آهي، ۽ نه تنهنجو پروسو“. ملا آجب جو فرزند ملا شهاب الدين پڻ هڪ صالح ۽ ڪامل

---

* ماهنامي ”نئين زندگي“، فيبروري ١٩٥٧ع تان ورتل.

(١) هي احوال تصرف سان تحفةالڪرام، مقالات الشعراء، الوحيد سنڌ آزاد نمبر ۽ نواب حاجي محمد علي تاجپوريءَ جي چوپڙيءَ تان ورتو ويو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سروري پاتائون. ساڳئي وقت شاه عبدالملڪ جي خدمت ۾ قديم دهليءَ (شاه جهان آباد) جو صوفي شاه غلام محمد بہ هئو، جنهن وٽان ظاهري علمن جي تحصيل ڪيائون.

سنڌ ۾ موٽي اچڻ. سڄا سارا ٻارهن مهينا پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ گذاري جڏهن رخصت ورتائون، تڏهن شاه عبدالملڪ سندن منگنين ڪي تسبيح، مصلو ۽ ڪَرو، تحفي طور ڏنو ۽ ڪين هڪ تراز جوهردار امداد ڪري، پڇيائين تہ "فقير! هن سوغات جي ڪهڙي قيمت ڏينديں؟". شاه ڪنڌ جهڪائي چيو تہ "بندہ پرور، انهيءَ جي قيمت هي سر آهي."

سر در قدم يارِ فدا شد چہ بجا شد
اين بار گران بود، ادا شد چہ بجا شد.

اهو سر جو سودو ستي، واپس سنڌ ۾ آيا ۽ ٺٽي شهر ۾ اچي سڪونت پذير ٿيا، ۽ ذڪر فڪر ۾ اوقات بسر ڪرڻ لڳا. رفتہ رفتہ سندن بزرگيءَ ۽ ڪرامت جو آواز بلند ٿيڻ لڳو، ۽ ڪيترا ئي ماڻهو دور دراز مسافريون ڪري سندن حلقي ۾ داخل ٿيڻ لڳا. اوسي پاسي وارن پيرن جا مريد، پنهنجن موروثي مرشدن کي ڇڏي اچي سندن ارادتمند ٿيا. خصوصاً بلڙي درگاه جي ڪريمپوٽي سيّد عبدالواسع کي گهڻي خار لڳي، جو ان جا معتقد پڻ ڪانئس منهن موڙي اچي شاه عنايت جي جماعت ۾ شامل ٿيا.

عين انهيءَ وقت جڏهن ظاهري عالمن ۽ موروثي پيرن ۾ شاه عنايت جي خلاف چوپچو شروع ٿي هئي، تڏهن صوفي شاه غلام محمد بہ دکن مان پنهنجي مرشد کان حقيقت ۽ معرفت جو اجازو وٺي اچي ٺٽي ۾ وارد ٿيو. هو شاه عنايت مان مريديءَ جو دم ڀريندو هو ۽ تعظيم وچان کيس تحيت جو سجدو ڪندو هو. جڏهن اها ڳالهہ ٺٽي جي فقهين جي ڪنن تي آئي، تڏهن هو شاه غلام محمد کي شرعي تعزير ڏيڻ لاءِ آماده ٿيا. ليڪن شاه عنايت الله جي فرمودي تي هو ٺٽو ڇڏي شاه جهان آباد (پراڻي دهلي) ڏي روانو ٿي ويو، جتي وڃي خانقاه کڙي ڪيائين ۽ هزارين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي فقير ٽاپڙجي ڪري پيو ۽ جوش ۾ الله اڪبر! جو نعرو هنيائين، تنهن تي سيني سائين نعري جي پڪار ڪئي ۽ پڌرا ٿي پيا. دشمن کي به لڳي ويئي ساڃي، سو سيني کي وپڙهي ويا ۽ گهڙي کن ۾ سيني کي ڍيري ڪري رکيائون. ليڪن گهيري اندر فقيرن سان پڄڻ محال هو. سو دل ۾ دغا رکي ميان محمد خان ولد يار محمد خان ڪلهوڙو ۽ مير شهداد خان ٽالپر فوج جو سپه سالار، قرآن ميڙ ڪري شاه عنايت‌الله وٽ مصالحت لاءِ ويا. شاه عنايت‌الله الاهي ڪلام جي عزت ڪري ساڻن گڏجي نواب اعظم خان جي ڪچهري ۾ ويو، جتي کن سوالن جوابن بعد کيس قتل ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو.

چون ٿا ته جڏهن هن عاشقن جي امام تي جلاد ترار جي وار ڪئي، تڏهن اها بي اثر ثابت ٿي. اها حالت ڏسندي پاڻ پنهنجي مرشدن واري ترار گهرائي جلاد جي حوالي ڪيائون ۽ کيس فرمايائون ته هن شمشير سان اسان کي شهيد ڪر. پوءِ کيسي مان ڪجهه اشرفيون ڪڍي کيس ڏنائون، ڇو ته هي ائين تنهنجي محنت جو اجورو. شهادت وقت سندن منهن مبارڪ مان حافظ جو هيٺيون بيت نڪتو:

رها نيدي مرا از قيد هستي
جزاڪ الله في الدارين خيرا.

(مون کي هوند جي قيد کان آجو ڪيئي، شل خدا تعاليٰ ٻنهين جهانن ۾ تنهنجو ڀلو ڪري!)

هي دل ڏاريندڙ واقعو تاريخ ۹ صفر ۱۱۳۰ھ تي ٿي گذريو.

مير علي شير قانع هيٺين فقرن مان سندن وصال جي تاريخ ڪڍي آهي:

(۱) قتلواه يقيناً بل رفع

(۲) آه مظلوم حق

فارسيءَ واري ڪنهن نه چڱو چيو آهي:

بنا کردند خوش رسمي بخون و خاک غلطيدن
خدا رحمت کند آن عاشقان پاک طينت را.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهه عبداللطيف جو ان وقت انڌاويهن ورهين جو هو، ۽ احتمال آهي تہ سندن روحاني جاهه و جلال جو جلوو ڏسو هئائين، تنهن پڻ ڪيترن ئي بيتن ۾ انهيءَ حادثي ڏي اشارو ڪيو ٿو ڏسجي. مثلاً

اڄ نہ اوطاقن ۾ طالب تنواريـن
آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون ماريـن
جي جيءَ کي جياريـن، سي لاهوتي لڏي ويا.

ليڪن اهڙا عاشق جن الله جي وات ۾ سر ڏنو، سي هميشه جيئرا آهن، ۽ جيستائين هي جهان جاري آهي، تيستائين سندن نالو جڳان جڳ پيو ڳائبو:

هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريدهءِ عالم دوام ما.

سندن درگاهه تي سال بسال ١٧ صفر جي ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ هند جا زائر ۽ دلق پوش ۽ صاحب حال درويش اچي گڏ ٿيندا آهن، ۽ اهڙي تہ موج مستي لڳندي آهي جو "عدم جا ارواح بہ رقص ۾ اچي ويندا آهن."

سندن اولاد مان ڪيترا ئي صاحب ڪمال ۽ قلندر پيدا ٿيا آهن، جهڙوڪ شاهه عزت الله ۽ شاهه سلام الله. موجوده سجاده نشين پڻ هڪ فضيلت جو صاحب نيڪ، متقي ۽ ديندار شخص آهي. پڻ سندن فيض مان ڪيترا ئي اهل الله ۽ شاعر مستفيض ٿيا آهن. جهڙوڪ صديق فقير، سيد مصري شاهه، سيد رکيل شاهه ۽ فقير نصير، جن جو هت ذڪر ڪرڻ طوالت جو باعث ٿيندو- ڪثرالله امثالهم.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شخصي تاثرات

سنڌ جي ادبي تاريخ
ادبي ذوق
باران رحمت
نعت
مجازي معنوي شعر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٽاريخ جو فقط ٻوٽو ٿاهين ٿيون، پر انهن جي رڳن ۾ روح ٽڏهن پوندو، جڏهن سنڌس ادبي ٽاريخ جو ذخيرو موجود هوندو، جنهن جي رستي اسان کي خبر پوي ته قوم جي قديم فردن جا ڇا خيال ۽ جذبا هئا. سنڌن علم جي مراد ڇا هئي، ۽ سنڌن رهڻي ڪهڻي جا ڪهڙا سرچشما هئا. مطلب ته هر ڪنهن قوم جي هستي سنڌس علم جي ذخيري تي مدار رکي ٿي.

افسوس! اڍائي هزار ورهيه گذري ويا آهن ته سنڌ جي تاريخ ۽ علم ادب تي ڪو به توجهه نه ڏنو ويو آهي. موجوده وقت ۾ ڪي قدر ڪوشش انهيءَ باري ۾ ورتي وئي آهي. پر اڃا تائين ڪو اهڙو معقول نتيجو ڪونه نڪتو آهي ۽ ڪنهن به پوري روشني نه وڌي آهي. سنڌ جي تاريخ ۽ علمي خزانو هڪ ٻوڙيل دفتر ٿي رهندا، جيڪڏهن هرڪو فرد ان جي کوجنا ڪرڻ ۾ ٻهرو نه وٺندو. سنڌ ملڪ کي هڪ عاليشان تاريخ ۽ علمي خزانو آهي، جو اسان جي اڻڄاڻائيءَ ۽ وڏن جي لاغرضائيءَ ڪان ناس ٿي ويو آهي ۽ جي هينئر به اسين پنهنجون اکيون بيپرواهيءَ ۽ نيم خوابيءَ ڪان نه کولينداسون ته انهيءَ تاريخ جا رهيل کهيل آثار به آهستي آهستي ناپديد ٿي ويندا.

# ادبي ذوق *

علم ادب به هڪ عمدو فن آهي، جيئن لطيف فنون حاصل ڪرڻ لاءِ تجربو، مهارت ۽ ڪوشش جي ضرورت آهي، تيئن علم ادب ۾ مهارت ۽ تجربو سخت درڪار آهن. نثر نويسي، شاعري ۽ ۽ مصوّري به لطيف فن آهن، جي وهبي به آهن ۽ ڪسبي به آهن. بيشڪ ڪن فردن کي خدائي ذات مليل هجي يا ڇاپندي ڄام هجن، پر ڪوبه ماءُ پيٽان هنر يا فن وٺي ڪونه آيو آهي. ترتيب ۽ ماحول جو اثر هر ڪنهن هنر يا فن تي ضرور رهيو آهي، رڳو وهب يا ڪسب ڪنهن ڪم جو ناهي. جيستائين ٻنهي قوتن جو پورو ميلاپ نه ٿيو آهي، تيستائين ڪوبه اديب يا شاعر يا مصوّر يا فنّان ڪماليت جي درجي کي پهچي نٿو سگهي. انهن سان گڏ متواتر اورچ ڪوشش به ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته ڪنهن به فن ۾ پير ڏري پوءِ ان کي ڇڏي ڏبو ته اهو اڌورو ۽ ناقص رهجي ويندو. ازانسواءِ هڪ ڪان وڌيڪ فنن ۾ ڪماليت ورلي حاصل ٿي سگهندي. اهڙا متفنّن ۽ ڪامل انسان دنيا ۾ شاذ ۽ نادر آهن. هرهڪ کي پنهنجي دائري اندر ڪنهن خاص ڪم جي سرانجاميءَ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن سڀڪو ”هر فن مولي“ هجي ها ته قدرت جو ڪارخانو ٺٽي پوي ها ۽ ڪائنات ۾ بي بندوبستي ۽ بي انتظامي ڇانئجي وڃي ها. مثلاً هڪ اعليٰ درجي جو نثر نويس اديب مشڪل انتهائي درجي جو شاعر ٿي سگهي ٿو، يا ان جي ابتڙ.

”هر ڪسي را بهر ڪاري ساختند“

علم ادب به هڪ وهبي ۽ ڪسبي ذات آهي. سڀڪو

* ۱۳- سنڌي ادبي ڪانفرنس جيڪب آباد جي موقعي تي صدارتي خطبو، جيڪو ماهنامي ”نئين زندگي“، مارچ ۱۹۵۳ع ۾ شايع ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي ته اسان جا جوان، جن جي نازڪ طبع نثر ۽ نظم ڏي مائل آهي، سي ڀرپائين انهن ماڻڪن ڏانهن منهن ڪن ۽ انهن جي جلوي ۽ جوت منجهان ڪجهه اهاءُ وٺن. برٽن صاحب ڪهڙو نه خوب چيو آهي ته ”سنڌ جي ورڳتي جو نظمي ادب، باطراوت، ورجيسن سان ڀريل، طبع زاد، جهجهو، لفظن ۽ عبارتن ۾ گوناگون ۽ وقت سارو ۽ فطرتي آهي.“ افسوس جو انگريزي تعليم جي سرشتي هيٺ لکندڙ اديب زياده تصنّع ڪي لڳي ويا آهن، ۽ ٻين عالمائين ٻولين جي تقليد ڪرڻ ۽ انهن مان خيال اڌارا وٺڻ لڳا آهن، انهيءَ ڪري شايد سنڌي نثر کي تقويت پهچي، باقي شعر کي سو اهڙي قسم جي اهل ضرور زيان رسائيندي.

صاحبو! منهنجو وس آهي پيغام پهچائڻ. ادب جون واڳون اوهان جي هٿن ۾ آهن. چاهي ان کي آسفل سافلين ڏي ڪيهلي وڃو. سنڌي جا سمجهدار سپوت ضرور ڪنهن ڏينهن اوهان کان ان جو جائزو وٺندا.

مراد ما نصيحت بود گفتيم
حوالت باخدا کرديم و رفتيم.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باران لطافت که در طبعش خلاف نيست
در باغ لاله رويد و در شوره بوم خس.

تنهن ڪري اي سالڪ راهه حقيقي! تون پنهنجي دل دنيا جي خس و خاشاڪ کان پاڪ رک ۽ پنهنجي دل جي زمين کي روحاني گلن جي پوکڻ لاءِ صالح ۽ قابل بناءِ ۽ پنهنجي دامن دنياوي خار جي نوڪ کان آلودي نه ڪر ته تو ۾ اهو روح رجاءِ ۽ محبوب حقيقيءَ جو تو ۾ آستانو ٿئي، جنهن جي رحمت هر هنڌ حاضر آهي. رڳو دل جي صفائي گهرجي. ”صفا ڪر صاف سيني کي اندر اسرار ڪافي آ“، نه ته ڪلراٺي زمين وانگر ڪرم ۾ ڪندا آهن:

تـو کز سراي طبيت نمي شوي بيرون
کجا بکوي کرامت گذر تـواني کرد.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# نعت

[علامه دائود پوٽي جو هي شعر، محترم لطف الله بدوي جي هڪ مضمون ”علامه دائود پوٽي جو هڪ تازه شعر“ مان ورتو ويو آهي، جيڪو ماهنامي ”نئين زندگي“، ماه آڪٽوبر ١٩٥١ع ۾ ڇپيو. انهي مضمون ۾ علامه دائود پوٽي جي شخصيت متعلق تاثرات پڻ شايع ٿيل آهن.]

تو جيهو منسار ۾ ناهي سچ ڪر ٿي پيو.

١- تون ٿئين شمس تيرِّ، پيدا سڀ ٿيا تارا قمر
تنهنجي نور مان سڀ جلوه گر، تون آهين ڏيهن جو ڏيو.

٢- آدم ڪان اڳ تو نور هو، تنهنجي ذات جو ٻه ظهور هو
ڪيڏو شان ۽ شعور هو، ايڏو نه رتبو ڪنهن مليو.

٣- تنهنجو حسن ٿيو چوڏهن طبق، حيران ٿيا حورون ملڪ
سهسين ٿيا تو تان صدق، مليو يوسف کي تنهن مان هو ذرو.

٤- تنهنجي صفت ڪهڙي ڪيان، جا ٿي اصل کان بي بيان
تنهنجي ذات جي نه آڌي عيان، تنهنجو نه ڀيو ڪنهن کي پرو.

٥- وڻ ٽڻ مرڻ، بحر و بر، حيوان ۽ جنّ و بشر
ٿيا سڀ سلامي ڏيج گر، ڪونهي ڇٽل ڪوڏي بندو.

٦- عاصي ”عمر“ کي انور، پهرائيو پنهنجي درا
پٽي در وچي ڪهڙي مگا، ناهي تو بنا ڪو پيو آجهو.

―――

# مجازي ۽ معنوي *

[۲۳- اپريل ۱۹۵۶ع تي مغرب کان پوءِ سارنگ پنهنجو سڀ صورت ۾ جلوو ڏيکاريو هو، جيئن تہ علي الصباح سوائين ٽين بجي ڏاري بيداري ٿي، تيئن هي جذبا شعر جي صورت ۾ دل جي افق تي نمودار ٿيا- ”ع“]

ڪڏهم ايندين پتيم پيارا، تہ رڻ گذريم ساوڻ سيارا
ڪڏهم ايندين نرمل نوري، تو لءِ تڪيم ڪتيون تارا
کهڙي سانگ جهليين تون سپرين، تو لءِ واهم نير نيسارا
نينهن ڏولڻ جي رمجهم لاتي، آڳم اڏيا بوند بهارا
رنگ رسيلا سارنگ ساهيا، ڳاڙها ساوا نيلا نيارا
وڄڙين ويس وسڻ جا ڪيڙا، جهڙ ڦڙ بادل ميگهہ ملارا
راڙ رعد جي اولهہ آئي، وهہ وهہ وسيا وَس وسڪارا
ترّ تاسيارا پُر ٿيا پاڻي، سرها ٿيڙا سره سنگهارا
ساجن تنهنجي سڪ آنءُ ماري، ڪانهي تو بِن تات توارا
آءُ اندر جا ڏکڙا اوريون، ڳاهون ڳجهہ جون پاڻي ڳارا
آءُ تہ جايون ڏيانءِ اکين ۾، نرنم نڙ نپ نيڻن نارا
آءُ عجيبا تو لءِ آڪنڊي، ڪوڙين لائج قربن وارا
شام حسن جي سيج سجائي، ڪوڻ تنهين کان آيا آڪارا
آهہ ”عمر“ کي آس پسڻ جي، ڪيتر رسندين منهن موڙارا
ڪڏهين ايندين پيتم پيارا.

---

* ماهنامي ”نئين زندگي“، جون ۱۹۵۶ع تان ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢) انهن تصنيفن کي صحيح ۽ سندر نموني ۾ ڇپائي پڌرو ڪرڻ.
(٣) انهي مقصد برآريءَ لاءِ هڪ ڇاپخانو سهڻن عربي حروفن سان برپا ڪرڻ.
(٤) سنڌي ادب جي تحفظ، بقا ۽ بهبودي لاءِ هرممڪن اُپاءَ وٺڻ.

هي تمام وڏو ۽ ڏکيو ڪم آهي، پر سيڪو غيرتمند سنڌي، جنهن کي پنهنجي تهذيب ۽ فضيلت (سنڌيت) برقرار رکڻ جو اونو آهي، سو جيڪڏهن ويهن ننهن جو زور لائي، هر قسم جي قربانيءَ ۽ ايثار لاءِ تيار ٿيندو، ته مشڪل آسان ٿي پوندو. قومون پنهنجي وجود ۽ ادب ۽ زبان جي حفاظت لاءِ ڇا ڇا نه ڪري گذريون آهن، تنهن جي دنيا جي تاريخ گواهي ڏئي ٿي. ڇا اسين ايتري قدر پست همت ۽ بي غيرت ٿي ويا آهيون، جو پنهنجي اسلاف جو قيمتي ورثو به سنڀالي نٿا سگهون، ۽ عاجزن وانگر ٻين جي رحم ۽ ڪرم ڏي نگران آهيون؟ اسان جو ادب خصوصاً شعر تمام وسيع ۽ مالا مال آهي، جنهن تي اسان کي فخر ڪرڻ جڳائي. قدامت، متانت ۽ نزاڪت ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. آيا اسان تي فرض ناهي ته ان جي حفظ ۽ بقا لاءِ پنهنجو تن، من ۽ ڌن قربان ڪريون؟

الله تعاليٰ جو شڪر آهي، جو اڃا اسان ۾ غيرت ۽ حميت آهي ۽ عزت ۽ استقلال جا سرچشما سڪي نه ويا آهن. ان جو مثال هي آهي جو گذريل ڇهن مهينن اندر جزوي ڪوشش سان ساڍا ١٠ هزار روپيه ڪٺا ڪري سگهيو آهيان. ڪنهن کي اميد هئي ته ايتري قليل عرصي اندر ايتري رقم گڏ ڪري سگهبي؟ اڃا به الله ۾ اميد جهجهي اٿم. عزيزو! هن مقصد پوري ڪرڻ لاءِ لکها روپيه گهرجن، پر جيڪڏهن سنڌي قوم جا برآورده بزرگ اسان سان هن مجبوري ڪم ۾ ٻانهن ٻيلي ٿي بيهندا ته اک ڇنڀ ۾ ڪروڙ روپيا به جمع ٿي سگهندا. پوءِ سارو ادبي خزانو صحت ۽ صفائي سان ڇپجي نروار ٿي عوام توڙي خواص جي اکين جو ٺار ٿي پوندو.

ميمبر بڻجي آئينده ترقي ۽ فلاح لاءِ ڪوشان رهندا. جواب جي زور عنايت - والسلام.

هيٺيان سنڌي ڪتاب پروگرام تي آهن، جي هيئر خاص عربي سنڌي ٽائيپ مهيا ٿيڻ تي ترتيب وار پريس ۾ موڪليا ويندا.

(١) ڪلام گرهوڙي يعني ڪلام مرحوم مغفور شهيد عبدالرحيم گرهوڙي جو.

(٢) بيان العارفين (يعني شاه ڪريم رحه بلڙي واري جو ڪلام ۽ ملفوظات).

(٣) ابيات سنڌي - يعني ڪلام خواجه محمد زمان رحه لنواريءَ جو گرهوڙي جي شرح سميت.

(٤) گل خندان تاليف آخوند لطف الله رحه

(٥) ميون عيسو هالائي اسلامپوري رحه.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# قصيدو

(ترجما)

اسلامي تصوّف

عربي شاعريءَ جو فارسي شاعري تي اثر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اسلامي تصوف *

[اسلامي تصوف بابت سنڌ جي ڪن نام نهاد صوفين وٽ عجيب خيال آهن. انهن جي خاطر اسلام جي وڏي فيلسوف ۽ مورخ ابن خلدون، جنهن کان وڌيڪ سنڌ ملي نه سگهندي، تنهن جي معرڪة الارا ڪتاب ”مقدمه“ مان تصوّف جو فصل ترجمو ڪيو وڃي ٿو ته ڪين اسلامي تصوّف جي حقيقت جي خبر پوي - ”ع“]

تصوّف جو علم به انهن شرعي علمن مان آهي، جي اسلامي ملّت مان نئين سر پيدا ٿيا. اصحاب ڪرام ۽ پيا سلف صالح، صوفين جي طريقي کي حق ۽ هدايت جو رستو ڪري ليکيندا هئا (١). خدا جي عبادت ۾ مشغول رهڻ، خدا جي وات ۾ سڀ شيءِ ترڪ ڪرڻ، دنيا جي جنسار ۽ سينگار کان پاسو ڪرڻ، عيش عشرت ۽ مال مرتبي کان منهن موڙڻ، خلق کان الڳ ٿي خلوت ۾ گذارڻ؛ اهي آهن تصوّف جا اصول جي اصحابن توڙي اڳوڻن صالحن ۾ مروج هئا.

جڏهن ٻي صدي هجريءَ ۾، ۽ ان کان پوءِ مسلمان دنيا جي طرف جهڪي پيا، تڏهن جن ماڻهن عبادت ۽ خلوت اختيار

---

* هي مضمون ماهنامي ”نئين زندگي“، جي نومبر ۽ ڊسمبر ١٩٦٢ع ۽ جنوري ١٩٦٣ع جي شمارن تان ورتل آهن.

(١) انهيءَ مان ائين نه سمجهڻ گهرجي ته تصوف ڪو انهيءَ زماني ۾ موجود هو، فقط ان جا بنيادي اصول موجود هئا؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهي مقام کان پار پئي موجود شين جي وچ ۾ تميز ڪري سگهندو آهي، جنهن کي ”مقام الفرق“ (جدا ٿيڻ جو مقام) ڪري سڏيندا آهن. اهو عارف محقق جو مقام آهي. هو ائين به چوندا آهن ته معرفت بي انتهائي درجي تائين پهچڻ کان اڳ مريد ضرور ”مقام الجمع“ جي اڻاٽ کان لنگهڻو آهي، جا هڪ سخت اڻاٽ آهي؛ ڇاڪاڻ ته ذيب آهي ته متان مريد اتيئي بيهي رهي ۽ پنهنجو سودو وڃائي وهي.

انهن پوئين صوفين مان، جن ڪشف ۽ غيب جي باري ۾ گفتگو ڪئي آهي، گهڻا حلول ۽ وحدت جا قائل آهن. جهڙوڪ هروي (١) جو ڪتاب ”المقامات“ ۽ پيا. ابن العربي (٢) ۽ ابن سبعين (٣) ۽ سندن شاگردن ابن العفيف (٤) ۽ ابن الفارض ۽ النجمُ الاسماعيلي (٥) پنهنجن قصيدن ۾ سندين پيروي ڪئي آهي. جيئن ته انهن صوفين جا وڏا پوئين اسماعيلي رافضين سان ملندا جلندا هئا، جن جو حلول ۽ امامن جي الاهيت ۾ اعتقاد هو،

---

(١) عبدالله بن محمد بن اسماعيل الانصاري الهروي (هرات جو وينل)، مشهور صوفي ۽ حنبلي فقيه (وفات ٤٨١ھ/١٠٨٨-١٠٨٩ع). سندس ڪتاب ’منازل السائرين‘ جي وڏي ناموس آهي.

(٢) محي الدين ابن العربي (٥٦٠-٦٣٨ھ/١١٦٥-١٢٤٠ع) اصل اندلس (اسپين) جو وينل هو ۽ دمشق ۾ وفات ڪيائين. سندس ڪتاب ”فُصُوص الحکم“ ۽ ”الفُتُوحاتُ المکيّه“ تصوّف جا اهم ڪتاب آهن. کيس ”الشيخُ الاکبَرُ“ (صوفين جو وڏو شيخ) ڪري چوندا آهن. ”همه اوست“ يا ”وحدتُ الوجود“ جو مَتو رکندو هو.

(٣) ابو محمد عبدالحق بن ابراهيم الاشبيلي. عرب فيلسوف ۽ صوفي برادريءَ جو باني، ابن العربي وانگر مرسيه جي شهر ۾ ڄائو هو، ۽ سنه ٦٦٨ھ (١٢٩٦ع) ڌاري مڪه شريف ۾ وفات ڪيائين.

(٤) ابن العفيف جو احوال معلوم ٿي نه سگهيو.

(٥) شايد نجم الدين ڪُبْرَي (٥٤٠-٦١٨ھ/١١٤٥-١٢٢٦ع). مشهور ايراني صوفي، جو خوارزم تي ڪاهه ۾ مغلن سان وڙهندي شهيد ٿي ويو. سندس صوفي خيال اڳين صوفين ۽ ابن العربيءَ جي خيالن جو وچ آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خالي آهي، سو اهي ڳالهيون سمجهي نہ سگهندو. لغتي عبارت صوفين جي معنوي ارادن جي ادا ڪرڻ کان قاصر آهي. ڇاڪاڻ تہ لغوي عبارتون فقط انهن شين جو تعبير ڪري سگهنديون، جيڪي حواسن سان پروڙي سگهجن، تنهنڪري اهڙي قسم جي ڪلام تي ڪوبہ اعتراض وٺڻ نہ جڳائي؛ ۽ قرآن جي متشابہ آيتن وانگر انهيءَ تي بحث نہ ڪجي. اها هڪ خدائي ڏات آهي جو ڪو شخص، اهڙي قسم جي قولن کي شريعت موافق سمجهي سگهي. باقي رهيو چوٿين قسم وارو ڪلام. شڪ ۾ وجهندڙ لفظ، جن ڪري شرع وارا صوفين تي اعتراض وٺندا آهن؛ ليڪن حق ائين آهي تہ انهن لفظن تي اعتراض نہ وٺڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ صوفي سڳورا اهڙي قسم جا الفاظ صرف اهڙيءَ حالت ۾ واتان ڪيندا آهن، جڏهن هو حواسن کان غائب ٿي ويندا آهن ۽ مٿن هڪ اهڙي قسم جي ڪيفيت طاري ٿيندي آهي. جو سواءِ قصد جي اهڙا ڪلما چئي ويهندا آهن. اهي جيڪي هوش ۽ حواس کان خطا هوندا آهن يا لاچاريءَ ڪري ڪو اجايو ڪم هٿان ٿي ويندو اٿن، سي معافيءَ جا لائق ۽ معذور آهن. انهيءَ ڪري اهي صوفي جي پنهنجي فضل ۽ اقتداء ڪري مشهور ٿي گذريا آهن، تن جي اهڙن قولن کي چڱيءَ نظر سان ڏٺو ويو. وجد ۽ حال جو ظاهري لفظن ۾ تعبير ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، ڇاڪاڻ تہ انهن جي ادا لاءِ خاص عبارت گهرجي. ابويزيد بسطامي (١) ۽ ٻين جو حال جاچي ڏسو، جڏهن انهن اهڙن جذبن کي لفظن ۾ اظهار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مگر اهو صوفي جنهن جو فضل ۽ تقويٰ مشهور ۽ معروف ناهي، سو جيڪڏهن اهڙا ڪفر جا ڪلما چوندو تہ اهو گرفت جو لائق آهي. ڇاڪاڻ تہ ان جي حق ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ ڪانهي جا

---

(١) ابويزيد بسطامي مشهور ايراني صوفي (وفات ٢٦٠هہ=٨٧٤-٨٧٥ع)، جو وجد ۾ اچي چوندو هو "سبحاني ما اعظم شاني"، يعني پاڪائي جڳائي مون کي، منهنجو ڪيڏو نہ شان آهي!

# عربي شاعريءَ جو فارسي شاعريءَ تي اثر *

هيءَ مشهور تصنيف علامہ دائود پوٽي مغفور، ڪئمبرج يونيورسٽيءَ کي پي. ايچ. ڊي جي سلسلي ۾ پيش ڪئي هئي. آن جي باب اول جو ترجمو، جنهن کي علامہ 'ديباچو' لکي ٿو، هت پيش ڪيو وڃي ٿو. مون هن ڪتاب جو ترجمو علامہ جي حياتيءَ ۾ اردوءَ ۾ ڪيو هو. افسوس جو منهنجي سستيءَ جي سبب ڪتاب شايع ٿي نہ سگهيو. هي هڪ عالمانہ ۽ محققانہ تصنيف آهي، جنهن کي علامہ وڏيءَ محنت ۽ عرقريزيءَ سان پيش ڪيو آهي. آن وقت جي عظيم مستشرقين، ڊاڪٽر نڪلسن ۽ ڊاڪٽر ميڪنيڪارٽ، هن تحرير جي وڏي ساراه ڪئي هئي. ڊاڪٽر صاحب جي هن علمي تحقيق مان خبر پوي ٿي تہ وٽس تحقيقاتي ذوق جي ڪيڏي نہ فراواني موجود هئي. آها علمي تحقيق، جنهن کي علامہ شبلي پنهنجي تصنيف "شعر العجم" ۾ اڌورو ڇڏيو، براڻون پنهنجي تصنيف "ادبياتِ ايران" ۾ فقط ان جو خاڪو ڏيئي سگهيو، تنهن کي علامہ تڪميل تي پهچائي، پنهنجي غير معمولي علمي استعداد جو ڪمال ڏيکاريو آهي. هن باب مان اسان کي علامہ جي اديبانہ ۽ مورخانہ عظمت جو نشان ملي ٿو. هي باب ٿوري حذف ڪان سواءِ، اڳ ۾ "ڊاڪٽر مودي يادگار جلد." ۾ "فارسي شاعري ۽ عربي شاعريءَ جا اوائلي تعلقات" جي عنوان سان شايع ٿيو هو. هاڻي ان کي ٿوري تبديليءَ سان شامل ڪيو ويو آهي.

— لطف الله بدوي.

ابتدائي اسلامي ٻن صدين ۾ فارسي شاعريءَ جي تاريخ اڪثر خالي نظر اچي ٿي. هن طويل زماني ۾ عربي زبان اڪيلي حڪومت ڪندي رهي. هوءَ سياست، مذهب ۽ فنونِ جميله جي زبان هئي. ايران جا شاعر ۽ اديب، پنهنجيءَ وطني زبان تي ان

* ماهنامي "نئين زندگي"، نومبر ١٩٦٨ع تان ورتل.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي فوقيت ڏيندا رهيا. عهد عباسيه جا فارسي- عربي مصنف، جي فن تاريخ ۽ فلسفه اللغات جي طرف شديد رغبت جو اظهار ڪندا ٿي رهيا، تن پنهنجي وطن جي شاعريءَ جي نوادرات کي گڏ ڪرڻ ۾ گهٽ التفات ڪان ڪم ٿي ورتو. انهن ۾ اهي به هئا جي قديم ايران جي تاريخ ۽ تمدن تي لکڻ وارا هئا. هو پنهنجي لاءِ عربيءَ کي ٿي پسند ڪندا رهيا. شايد ان جو سبب هيءَ هجي، جو فارسي ان وقت تائين ادبي ڪمال حاصل ڪري نه سگهي هئي، يا ان زماني ۾ لکڻ جو اسلوب عربي زبان ۾ هو. ايراني اديبن جي طرف کان هن جمود ۽ سڪوت ڪيترن قديم ديوانن کي فراموش ڪري ڇڏيو هوندو؛ ڪيترا وطني شاعر پنهنجي آواز کي پڌائڻ کان سواءِ، ملڪ جي ڪنهن گوشي ۾ گمنام مدفون ٿيا هوندا؛ ۽ ڪيترا سلف عُود جي تارن کي ڇيڙڻ کان سواءِ، پنهنجي خلف کي نشان ڏيڻ بغير گذريا هوندا! اهڙيءَ ريت اسان کي ظهور اسلام کان ٻه صديون پوءِ جو سندن نظمي دفتر ملي نه سگهيو آهي، نه وري سابق ساساني تذڪرا دستياب ٿي سگهيا آهن. شايد هي دفتر عرب فتوحات جي باعث ناياب ٿي ويا هجن يا خود ايراني عالمن جي غفلت جو شڪار ٿيا هجن. پر عرب فتوحات کان اڳ ۽ بعد، ايران ۾ شاعريءَ جي موجود هئڻ ۾ ڪو شبهو ٿي نٿو سگهي. قديم زماني ۾ ڪن مغنين جا نالا اسان کي ملن ٿا؛ جهڙوڪ باربد، بامشاد ۽ ٻيا، جي پنهنجي طرز ۾ مشهور هئا. جيئن ته موسيقيءَ ۽ شاعريءَ جو پاڻ ۾ سنبنڌ آهي، تنهن ڪري شاعريءَ جو انڪار ٿي نٿو سگهي (١). *

حقيقتاً قديم فارسي شاعريءَ جي ڪهڙي صورت هئي، اها صحيح طور تي معلوم نه آهي (٢) غالباً اها ٻن قسمن جي هئي: غنائيه (balled)، ۽ رزميه (epic). ٻئي طرف فخرالدين اسد گورگانيءَ جي عشقيه تصنيف ”ويس ورامين“ (٢٠٠ هه)، جنهن

* حوالا ۽ اشارا مضمون جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هرڻ جو شڪار جي مهارت ڪي بلڪل ٻيءَ طرح
جي ڪهاڻيءَ ۾ درج ڪيو آهي، جنهن ۾ ان جي محبوبه
'مازنده آزادوار' پنهنجي حياتي زياده عياشيءَ ۾ ضايع ڪندي
رهي ٿي. مگر اهي اشعار جي سندس ذات سان وابسته آهن،
اصليت کان دور آهن. البت ابن خردادبه جي نقل ۾
صداقت قريب نظر اچي ٿي.

(١١) "لباب"، ص ١-١٩.

(١٢) "مروج"، ج ٢، ص ١٩٣: "وله اشعار كثيرة بالعربية والفارسية اعرفنا من ذكرها في هذا الموضع طلبا الاختصار والايجاز".

(١٣) هڪ محمد بن البائض (متوفي ٢٣٥هه) آهي، جنهن جا نظم طبريءَ، مراغه جي هڪ پوڙهي کان ٻڌا هئا (طبري، ج ٣، ص ١٣٠٠) پيا اوائلي نظم طويل زماني تائين نه مليا آهن. البت انهن بابت معلوم ٿيو آهي ته ابو مسلم محمد بن بحر اصفهاني جو هڪ نظم ابوالاشعث قميءَ بيان ڪيو هو. (ياقوت: "معجم الادباء"، ليدن، ص ٣٣١)، ابوالحفص حڪيم بن احواز سغدي ٽين صدي هجريءَ جو رهڻ وارو هو، جنهن سان هيٺيون نظم منسوب ڪيو وڃي ٿو. هو هڪ ساز 'شهرود' جو موجد هو، مگر اولين شاعر ٿي نٿو سگهي ("المعجم"، ص ١٧٠-١٧١؛ "مفتاح العلوم"، ايڊيشن وارن).

آهوئي ڪوهي در دشت چگونه دودا
او ندارد يار بي يار چگونه دودا

[جبل جو هرڻ ڪهڙيءَ ريت ميدان ۾ رهي سگهي. هو بي يار آهي، ڪهڙي ريت بي يار رهي سگهي.]

(١٤) اها حقيقت "تاريخ سيستان" تان ورتي ويئي آهي، جنهن لاءِ مان مرزا عباس اقبال اشتياني جي مضمون (ڪاوه، نو سلسله، ١٩٢١، عدد ٢) جو ٿورائتو آهيان. معلوم ٿئي

ٿو ته محمد بن واصف السجزي وڏيءَ عمر وارو هو. هن دولت صفاريه جو عروج ۽ زوال پنهنجي اکين سان ڏٺو. جڏهن عمرو بن ليث، اسماعيل ساماني کان شڪست کائي، سمرقند ۾ قيد ٿيو ته ابن واصف ان جي تسليءَ لاءِ هيٺيون سٽون لکيون هيون.

کوشش بنده سبب رنجش نيست
کاز قضا بود ترا عيب نيست
بود نبود از صفتِ ايزد است
بندهء درماندهء بيچاره کيست
اول مخلوق چو باشد زوال
کارِ جهان اول و آخر يکيست
قولِ خداوند بخوان 'فاستقم'
معتقدي شو و بر آن باسيت

انهيءَ ٿي قطعي ۾ هو صفاريه خاندان جي زوال تي مرثيو لکي ٿو. ان جي آخري پن بيتن ۾ هن خاندان جي آخري تاجدار امير طاهر بن محمد بن امير عمرو بن ليث کي خطاب ڪري ٿو، جو پنهنجي زندگيءَ جي اوقات ۽ خزاني کي فضول عياشيءَ ۾ ضايع ڪري رهيو هو، ۽ سيستان جي عرب آباديءَ جي رئيس اياس بن عبدالله جي حڪيمانه مشورن کان گريز ڪري رهيو هو. هي رئيس صفاريه خاندان جو وڏو خيرخواه هو، ۽ گهريائين ٿي ته طاهر کي تباهيءَ مان ڪڍي، اوج ۽ ڪمال تي پهچائي. جون ٿا ته هن شهزادي کي هيئنءَ ريت تنبيه ڪئي هئي ته "هيءَ سلطنت شمشير جي زور سان فتح ڪئي ويئي هئي، تون ان کي فضول عياشيءَ ۽ تنعم ۾ برباد ڪري رهيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهين. سلطنت ڪڏهن به بي همتيءَ سان پائدار ٿي نه سگهندي آهي. بادشاه کي عادل، عالم، منتظم، بذله سنج، ۽ شمشير ۽ سياست جو مالڪ ٿيڻ گهرجي." مگر امير ان جي مشوري تي عمل ڪرڻ بدران، کيس پاڻ کان جدا ڪري ڇڏيو.

مملکتي بود شده بي قياس
عمرو بر آن ملک شده بود راس
از حد هند تا بحد چين و ترک
از حد زنگ تا بحد روم و کاس
راس ذنب گشت و بشد مملکت
زر زرد شد از نحوست نحاس
دولت يعقوب دريغا برفت
ماند عقوبت بعقب هر حواس
عمر عمرو رفت وزو باز ماند
مذهب روباه، بنس و نواس
اي چه غما آمد و شادي گذشت
بود دلم دائم ازين پر هراس
هرچه بکرديم بخواهيم ديد
سود ندارد ز قضا احتراس
ناس شدند نشناس آنکه همه
وز همه نشناس بگشتند ناس
دور فلک گردان چو آسيا
لاجرم اين آس همه کرد آس
ملکه ابا هزل نکرد انتساب

نور ز ظلمت نہ کند اقتباس
جدوجهد يعقوب بايد همي
تاکہ ز جده بدر آيد اياس.

ابن واصف ۽ بسام کان سواءِ هڪ ٻيو عالم، جنهن جو محمد بن مخلد السجزي هو، جو اڪثر فارسي شعر قلمبند ڪندو هو، تنهن هيٺان ڏي شعر يعقوب کي خطاب ڪري لکيا هئا:

جز ڏو نزاد حوا و آدم نکشت
شير نهادي بدل و بر منشت
معجز پيغمبر مکي توئي
بکنش و منش و بگوشت
فخر کند عمار روزي بزرگ
کي همانم من کہ يعقوب گشت.

(١٥) وزن جي غير مناسبت، تشڪيل جي ثقالت ظاهر ڪري ٿي تہ نظم جو هيءُ ٽڪرو قديم وضع جو آهي. شايد ابن واصف جي فارسي شعر ۾ هيءَ ابتدائي ڪوشش هئي. ”تاريخ سيستان“ جو مصنف ظاهر ڪري ٿو تہ ابن واصف پهريون شخص هو، جنهن فارسيءَ ۾ شعر لکيو. ڪانئس اڳ ڪنهن بہ اهڙيءَ ريت طبع آزمائي نہ ڪئي هئي، ڇو تہ جيستائين ايراني (ساساني) حڪومت ڪندا رهيا، ماڻهو خسرواني خيالات مطابق شعر چوندا رهيا. عربن جي آمد کان پوءِ ايرانين عربيءَ ۾ شعر لکڻ شروع ڪيو ۽ عربيءَ ۾ ڇڳيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ريت لکي ٿي سگھيا. يعقوب کان وڌيڪ سيستان ۽ فارس ۾ ڪوبه عظيم الشان حاڪم اڳي نه گذريو هو، جنهن جي تعريف ۾ شاعر قصيدا لکن. سواءِ حمزه بن عبيدالله الفحاري جي، جو خود عالم ۽ عربي ڄاڻڻ وارو هو. سندس سپاهي اڪثر عرب هئا. سندس مدّاح ڪيس عربي شعر ۾ خطاب ڪندا هئا. ”تاريخ سيستان“ جو مصنف لکي ٿو ته هي ذيل قصيدو وڏو هو، مگر ان مان ڇهه اشعار قلمبند ڪيا ويا آهن.

(١٦) بسام ڪُرد انهن خارجين مان هو، جي يعقوب جي خدمت ۾ اطاعت ۽ صلح لاءِ آيا هئا. هو عالم هو. جڏهن هن واصف جو طريقو ڏٺو ته پاڻ به فارسيءَ ۾ شعر لکڻ لڳو. هيٺين شعرن ۾ عمار جي بدقسمتيءَ جو ذڪر ٿو ڪري:

هرکه نبود او بدل متهم
بر اثر دعوت تو کرد نعم
عمر ز عمار بدان شد بري
کاوي خلاف آورد تا لاجرم
ديد بلا بر تن و جان خويش
عهد ترا کرد حرم در عجم *
مکه حرم کرد عرب را خداي
عهد ترا کرد حرم در عجم

* هن مٽ کي صحيح ڪيو وڃي: گشت بعالم تن او در الم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هر که در آمد باقي همه شدند
باز فنا شد که ندید این حرم.

١ـ هو، جو مجرم نہ هو، تنهن جي صدائي لبيڪ چئي اٿيو.
٢ـ عمار کان حياتي جدا ٿي، جو تہ هو تنهنجي سامهون ٿيو ۽ ان جو ڪيس يقين هو.
٣ـ (عمار تنهنجي حياتي وٺي ڳهري، مگر هو پنهنجي حياتي وڃائي ويٺو.) هن پنهنجي جسم ۽ روح تي بلا ڏني، ۽ سندس جسم دنيا ۾ عذاب ۾ مبتلا رهيو.
٤ـ خدا تعاليٰ عرب ۾ مڪي ۾ حرم بڻايو، مگر تنهنجي عهد ۾ عجم ۾ حرم بڻيو.
٥ـ جو حرم ۾ آيو اهو غير فاني بڻيو، ۽ جو نہ آيو آهو برباد ٿي ويو.
هن ننڍڙي نظم ۾ ايرانين جو حد کان زياده مبالغو نظر اچي رهيو آهي.

(١٧) اوائلي زماني ۾ ڪابل ۽ سيستان جي حاڪم کي رتبيل سڏيندا هئا (بلاذري: ص ٣٩٧ـ٤٠٢)
(١٨) قرآن پاڪ
(١٩) 'سر طعام' ۽ 'آڪار' سيستان جي دروازن جا نالا هئا.
(٢٠) آغاني: ٣، ٨٥، نويري: ٣، ٢٣٢.
(٢١) آغاني: ٧، ١٨٠، نويري: ٣، ٢٣٧.
(٢٢) وارن ڪريمر
(٢٣) الجاحظ: "ڪتاب التاج"، ص ٤٠ـ٤١.
(٢٤) نيشاپور جو قديم اسلامي نالو. لي. اسٽرينج: "مشرقي خلافت جون زمينون".

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(٢٥) ديوان: بيروت ايڊيشن، ص ٣٤٦

(٢٦) ”سفر نامه“، ڪاوياني پريس، ص ٨؛ پروفيسر براؤن: ”ادبي تاريخ ايران“، ج ٢، ص ٢٢٢

(٢٧) ديوان ڪامل گيلاني.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قيمت .. — [illegible] رپيا

شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪميٽي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حيدرآباد. ڀٽ شاه

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄَرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺو، ياجوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي کي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کين بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، چاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٽي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڄاڻائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نه رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان به پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو ته ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.
اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book